جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | چنڇر 21 نومبر 2026ع بمطابق 10 جمادي الثاني 1448ھ | قيمت:20 | شمارو 41

ترڪيه سان توانائي جي شعبي ۾ ڊگهي مدي واري پائيداري جا خواهشمند آهيون: نائب وزيراعظم

ترڪيه سان توانائي جي شعبي ۾ ڊگهي مدي واري پائيداري جا خواهشمند آهيون، پاڪستان وٽ هڪ ڊگهي ساحلي پٽي آهي جيڪا غير معمولي اقتصادي ۽ اسٽريٽجڪ اهميت جي حامل آهي

توانائي ۽ واپار جي اهم عالمي رستن سان ڳنڍيل آهي، اسان جون سامونڊي سرحدون توانائي، جهاز راني ۽ ماهيگيري جي شعبن ۾ وسيع موقعا فراهم ڪن ٿيون

فعال ۽ مضبوط بليو اڪانومي جي لاءِ اعتماد جوڳي سائنسي معلومات، ماهر افرادي قوت ۽ ماحولياتي تحفظ جا قدم اڻٽر آهن

اسٽريٽجڪ اهميت جا منصوبا ادارتي رابطا نه هجڻ يا غير ضروري دير جو شڪار نه ٿيندا، وقت اچي ويو آهي ته اسان جي اسٽريٽجڪ هم آهنگي سان گڏ انهيءَ سطح جي هڪ پرعزم اقتصادي پائيداري پڻ قائم ٿئي

ترڪيه جي زلزلي جي تحقيقي جهاز "اورچ رئيس" جي پاڪستان آمد جي موقعي تي سيني سان گڏجي ان جي آجيان ڪرڻ منهنجي لاءِ خوشي جي ڳالهه آهي

هن تاريخي بندرگاهه تي اسان پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ پراڻي دوستي جي بنياد تي سائنسي تحقيق ۽ اسٽريٽجڪ تعاون جي هڪ نئين باب جي شروعات ڪري رهيا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار ترڪيه جي زلزلي جي تحقيقي سروي جهاز "اورچ رئيس" جي آمد کي پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ پراڻي دوستي جي بنياد تي سائنسي تحقيق ۽ اسٽريٽجڪ تعاون جي نئين باب جي شروعات قرار ڏيندي چيو آهي ته ترڪيه سان توانائي جي شعبي ۾ ڊگهي مدي واري پائيداري جا خواهشمند آهيون، پاڪستان وٽ هڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار افتتاح ڪري رهيو آهي

چاهيان ٿو ته وزيراعظم جا هٿ مضبوط ڪيان جيئن پنج سال مُدو پورو ڪري: بلاول

ڪيس خبر آهي ته شهباز شريف ان ڳالهه تي فخر ڪري ٿو ته هن پاڪستان کي ڊيوالپٽي کان بچايو، پر وزيراعظم کي معاشي ڏکيائين تي ڌيان ڏيڻ جو موقعو ئي نه ڏنو ويو، وزيراعظم ڇا ڪري

موجوده معاشي بحران مان نڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو، دنيا جي سڀني حڪومتن جو ڌيان ان ڳالهه تي آهي ته عوام کي ڪيئن رليف فراهم ڪري سگهجي

عوام کي ان ڳالهه جي ڳڻتي ناهي ته هڪ صوبو ٺهي يا پنج صوبا، ڪين پنهنجي معاشي ڏکيائين جي ڳڻتي آهي، ملڪ جون معاشي پريشانيون ختم ڪرڻ لاءِ سڀني پارٽين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

اوهان مولانا فضل الرحمان ۽ خان صاحب کي پسند ڪريو يا نه، پر انهن سان به ڳالهه ٻولهه ۽ رابطو رکڻو پوندو، جيڪڏهن منهنجي نظر ۾ ملڪ جو مفاد اهم نه هجي ها ته مان به چوان ها ته ڪين رڳو رڳڙيندا رهو

پيپلز پارٽي واحد سياسي جماعت آهي، جنهن جو ڌيان محدود وسيلن باوجود عوام جي مدد ڪرڻ تي آهي، سنڌ حڪومت پاران تر لاءِ پيڪيج ڏيڻ واري قدم جي آجيان ڪريان ٿو

پيپلز پارٽيءَ کي احساس آهي ته ملڪ ۾ معاشي بحران، مهانگائي ۽ بيروزگاري جا مسئلا موجود آهن، افسوس آهي ته اسان جي ملڪ ۾ سياستدانن ۽ حڪمرانن عوامي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ ڇڏي ڏنو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته شهباز شريف کي اسان به پيرا وزيراعظم بڻايو مان چاهيان ٿو ته سندس هٿ مضبوط ڪريان ۽ هو پنجن سالن جو آئيني مدو پورو ڪري. ڪراچي ۾ ڪٽڪ جي آبادگارن لاءِ سنڌ حڪومت جي 17 ارب رپين جي "سنڌ ويٽ گروورز سپورٽ پروگرام 2026ع" جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

عوام چاهي ٿو ته صوبا ٺهڻ گهرجن، نقصان ڪهڙو آ؟: وفاقي وزير

عوام جي راءِ ورتي وڃي ۽ جيڪڏهن عوام نوان صوبا ٺاهڻ جي حق ۾ هجي ته اهي قائم ٿيڻ گهرجن

گوجرانوالا سندس اباڻو شهر آهي، ضلعي بار جي جنرل سيڪريٽري جي دعوت تي هن اتي دورو ڪيو هو

ضلعي بار جي جنرل سيڪريٽري جي دعوت اليڪشن شيڊيول جاري ٿيڻ کان اڳ ملي هئي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير اطلاعات عطا تارڙ چيو آهي ته نون صوبن جي قيام بابت حڪومت جو موقف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

دهشتگردي جي ناسور کي فيصلائتي انداز ۾ پاڙ کان پٽي اڇلينداسين: فيلڊ مارشل

جتي کيس موجوده سڪيورٽي صورتحال ۽ جاري انٽيليجنس بنيادن تي ٿيندڙ آپريشنن بابت بريفنگ ڏني وئي

فيلڊ مارشل عاصم منير يادگارِ شهدا تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ ملڪ جي دفاع ۾ جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيدن جي قربانين کي ڀيٽا پيش ڪئي

راولپنڊي (م د) آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير اتر وزيرستان جي علائقي ميران شاهه جو دورو ڪرڻ دوران جوانن سان گڏ گروپ فوٽو

تارڙ خلاف ضابطه اخلاق جي ڀڃڪڙي واري ڪيس جو فيصلو محفوظ

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ ٽه رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن وفاقي وزير اطلاعات عطا الله تارڙ خلاف ضمني چونڊ دوران ضابطه اخلاق جي مبينا ڀڃڪڙي واري ڪيس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

گرين انرجي ۽ ٿر ڪول منصوبو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ويزن هو: شرجيل انعام ميمڻ

هن ٿر جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ، نوجوانن جي مهارتن ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ توانائي جي متبادل ذريعن کي هٿي وٺرائڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو هو

ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ زيبيسٽ زيبيٽيڪ (ZABTech) پاران گرين اسڪلز نصاب جي شروعات ۽ قومي مڪالمي جي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب

اڄ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن موجب نوجوانن کي تربيت فراهم ڪئي پئي وڃي ماڻهن کي سولر پينلز لڳائڻ، اليڪٽرڪ گاڏين ۽ گرين انرجي سان لاڳاپيل مختلف شعبن ۾ عملي تربيت ڏني پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته گرين انرجي ۽ ٿر ڪول منصوبو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ويزن هو. شهيد بي بي 1995ع ۾ پيٽ شاهه ۾ منعقد ٿيل هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ان ويزن جو اظهار ڪيو هو. هن ٿر جي ڪوئلي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

صوبي سنڌ جي 5 ضلعن جي 7 مختلف بلدياتي سيٽن تي ضمني چونڊون 22 نومبر 2026 تي ٿينديون

ضمني چونڊون حيدرآباد، مٽياري، ميرپورخاص، نوشهروفيروز ۽ لاڙڪاڻي جي مختلف بلدياتي حلقن ۾ ٿينديون

ضلعي حيدرآباد جي يونين ڪميٽي نمبر 90، ٽي ايم سي سچل سرمست ۾ جنرل ميمبر وارڊ جي سيٽ تي چونڊ ٿيندي

ضمني بلدياتي چونڊن دوران صاف، شفاف ۽ پرامن پولنگ جي انعقاد کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي ۽ سڀ ضروري انتظام مڪمل رکيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) صوبي سنڌ جي 5 ضلعن جي 7 مختلف بلدياتي سيٽن تي ضمني چونڊون 22 نومبر 2026 تي ٿينديون، جنهن لاءِ سڀ ضروري انتظام مڪمل ڪري ورتا ويا آهن. ضمني چونڊون حيدرآباد، مٽياري، ميرپورخاص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اسلام آباد: وفاقي وزير حنيف عباسي اجلاس جي صدارت ڪندي

افغانستان ۾ دهشتگرد گروهه موجود آهن: سلامتي ڪائونسل

افغانستان ۾ دهشتگرد گروهن جي موجودگي سبب ميمبر ملڪن کي اتان پيدا ٿيندڙ دهشتگردي جي خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

دهشتگردن کي طالبان جي لاجسٽڪ ۽ آپريشنل مدد حاصل آهي ۽ ٽي ٽي پي افغان سرزمين تان پاڪستان ۾ ڪيترائي موتمار حملا ڪيا آهن

عالمي سطح تي تبديل ٿيندڙ خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي دهشتگرديءَ خلاف نظام ۾ سڌارا آندا وڃن

واشنگٽن (م د) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي سربراهه سائيما پاوليوٽا ڊيس ليندبس چيو آهي ته افغانستان ۾ دهشتگرد گروهن جي موجودگي سبب ميمبر ملڪن کي اتان پيدا ٿيندڙ دهشتگردي جي خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته داعش خراسان افغانستان کان ٻاهر وارن علائقن تي ڌيان ڏئي رهي آهي، جڏهن ته تحريڪ طالبان پاڪستان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي ڪو به ٺاهه نه ٿيندو، سنڌ جي ڇهن ڊويزنن جي ميئرن گڏيل طور اعلان ڪري ڇڏيو

نفرت ڪنهن به معاشري لاءِ نقصانڪار آهي، پيپلز پارٽي ماڻهن کي گڏ ڪري هلڻ جي ڳالهه ڪري ٿي: مرتضيٰ وهاب

سنڌ جي تاريخ پنج هزار سال پراڻي آهي ۽ ڪراچي جي تاريخ 1947ع کان شروع نٿي ٿئي

ڪراچي ۾ ماضيءَ ۾ لساني سياست سبب ماڻهن جا دليون ٽوڙيون ويون، وڏي قربانين ڪانپوءِ شهر ۾ امن قائم ٿيو آهي

هاڻي ٻيهر 80 ۽ 90 واري ڏاڪي جهڙيون حالتون پيدا ٿيڻ نه ڏنيون وينديون. مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي ڪو به ٺاهه نه ٿيندو، سنڌ جي ڇهن ڊويزنن جي ميئرن گڏيل طور اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي پيپلز پارٽي جي ميئرن ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سربراهه /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ سنڌ حڪومت جو ترجمان ارسلان شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي

پاڪستان جي ڪل آبادي جو 67.5 سيڪڙو حصو اڃا به ميٽرڪ کان گهٽ تعليم يافته آهي؛ صوبائي انگ اکر

انٽرميڊيئيٽ مڪمل ڪندڙن جو 8 سيڪڙو ۽ بي اي، بي ايس يا ان کان وڌيڪ ڊگري رکندڙن جي شرح 6 سيڪڙو آهي

صوبائي انگن اکرن مطابق سنڌ ۾ گريجوئيٽس جو تناسب 5.5 سيڪڙو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان جي مجموعي آبادي جو 67.5 سيڪڙو حصو اڃا به ميٽرڪ کان گهٽ تعليم يافته آهي، جڏهن ته ملڪ ۾ ميٽرڪ پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪراچي ۾ گهر گهر وڃي ويڪسين لڳائڻ واري سروس 'ٽيڪسي گو' جي معاملي تي صحت کاتي وضاحت جاري ڪري ڇڏي

ڄاڻايل اداري جو سرڪاري توسيعي پروگرام حفاظتي ٽيڪن (اي پي آءِ) سان ڪو تعلق ناهي ۽ نه ئي ان کي سرڪاري ويڪسينيشن جي اجازت ڏني وئي

ڊائريڪٽر اي پي آءِ پروگرام صحت کاتي ڊاڪٽر راج ڪمار مطابق 'ٽيڪسي گو' جي نالي سان گهر گهر ويڪسينيشن سروسز جو سرڪاري اي پي آءِ سان ڪو تعلق ناهي

هن نالي سان ڪو ادارو سرڪاري ويڪسينيشن سروس فراهم ڪرڻ جو مجاز به ناهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ گهر گهر وڃي ويڪسين لڳائڻ واري سروس 'ٽيڪسي گو' جي معاملي تي صحت کاتي وضاحت جاري ڪندي چيو آهي ته ڄاڻايل اداري جو سرڪاري توسيعي پروگرام حفاظتي ٽيڪن (اي پي آءِ) سان ڪو تعل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

لاهور، خانگي اسپتالن ۾ صحت ڪارڊ تحت ڪينسر جو مفت علاج بند

خرچن کان گهٽ رقم تي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ ممڪن ناهي

هلندڙ سال سيپٽمبر کان 15 کان 20 خانگي اسپتالن صحت ڪارڊ تحت ڪينسر جو مفت علاج بند ڪري ڇڏيو

لاهور (م د) لاهور جي خانگي اسپتالن ۾ صحت ڪارڊ تحت ڪينسر جي مفت علاج جي سهولت بند ڪئي وئي آهي، جنهن سبب خانگي اسپتالن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ايران تي ٻيهر حملن جو معاملو ايندڙ سال تائين ملتوي

ايندڙ سال جي شروعات کانپوءِ ڏٺو ويندو ته صورتحال ڪهڙي رخ اختيار ڪري ٿي

ويب سائيٽ موجب صدر ٽرمپ ڪنهن به وقت پنهنجو ذهن تبديل ڪري سگهي ٿو

بيجنگ (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران تي ٻيهر حملن جو معاملو ايندڙ سال تائين ملتوي ڪري ڇڏيو. چين مان وطن واپسي دوران هڪ آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

مواد پکيڙڻ وارو ڪيس، اقرار الحسن تي فرد جرم لاڳو

اقرار الحسن ڏوهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، اقرار الحسن پنهنجي وڪيلن سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو

جتي عدالت مٿس لڳايل الزامن بابت فرد جرم پڙهي ٻڌائي، پر هن الزامن کي رد ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) جوڊيشل مئجسٽريٽ اوير جي عدالت عوامي راڄ پارٽي جي سربراهه اقرار الحسن خلاف رياست مخالف مواد جي تشهير واري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

عليم خان جي نظربندي خلاف درخواست جي جلد ٻڌڻي جي استدعا منظور

عدالت رجسٽرار آفيس کي ڪيس ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

جسٽس اظهر گل خان عليم خان جي نظربندي خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ باني جي ڀيڻ عليم خان ۽ سندس ڊرائيور جي نظربندي خلاف درخواست تي جلد ٻڌڻي ڪرڻ جي استدعا منظور /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

اپيليٽ ٽربيونل لوڪل ڪائونسلز سنڌ جي ڪئمپ ڪورٽ 27 نومبر تي سکر ۾ لڳندي

صبح جو ساڍي اٺين وڳي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ سکر جي احاطي ۾ ڪئمپ ڪورٽ لڳائي ويندي

ڊسٽرڪٽ ڪائونسلن ۽ يونين ڪائونسلن سميت مقامي حڪومتن سان لاڳاپيل اپيلون ٻڌيون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) اپيليٽ ٽربيونل لوڪل ڪائونسلز سنڌ جو معزز چيئرمين / جج جناب سهيل جبار ملڪ جي سربراهي ۾ 27 نومبر 2026/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

Five-day Media Course
Empowering Women Journalists for Digital Democracy and Media
ڪراچي: ڊي جي پي آءِ ڊي ارم تنوير سان گڏ صحافت ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن جو گروپ فوٽو

ڪراچي: گهر اندر فائرنگ، عورت سميت 3 ڄڻا مارجي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي هڪ گهر اندر فائرنگ جي واقعي ۾ عورت سميت ٽي ڄڻا مارجي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي ۾ پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ اڄ ٻئين ڏينهن به احتجاج جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ٿرپارڪر جي علائقي ڇيلهار ۾ زمين جي تڪرار تي فائرنگ ڪري اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ پيءُ ۽ پٽ قتل

ڪراچي (رپورٽر) ٿرپارڪر جي علائقي ڇيلهار ۾ زمين جي تڪرار تي فائرنگ ڪري اقليتي برادري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

رياض ۾ ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ کي حوثي مليشيا پاران نشانو بڻائڻ جي سخت مذمت

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان سعودي عرب جي گادي واري شهر رياض ۾ ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڪاروبار جي شروعات تي هاڪاري لاڙو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات هاڪاري لاڙي سان ٿي آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

ملڪي ناڻي جا متاستا ذخيرا 1.50 ڪروڙ ڊالر وڌي ويا

ڪمرشل بئنڪن وٽ موجود خالص پرڏيهي متاستا جا ذخيرا 5 ارب 18 ڪروڙ ڊالر رڪارڊ ڪيا ويا

13 نومبر 2026ع تي ختم ٿيندڙ هفتي دوران اسٽيٽ بئنڪ جا ذخيرا 15 ملين ڊالر وڌي 21 هزار 587 ملين آمريڪي ڊالر ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ موجب 13 نومبر تائين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ٻارن جي حقن جو تحفظ محفوظ معاشري جو بنياد آهي: مراد شاهه

هن سال ٻارن جي عالمي ڏينهن جو موضوع "منهنجو ڏينهن، منهنجا حق، منهنجو مستقبل" آهي

جيڪو ٻارن جي حقن، تحفظ، آواز ۽ سندن بهتر مستقبل جي عزم کي اجاگر ڪري ٿو

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه ٻارن جي عالمي ڏهاڙي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته ٻارن جي حقن جو تحفظ ٿي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پشاور، پوليس تي حملن ۾ ملوث 3 ڦورو مارجي ويا

پشاور (م د) پشاور ۾ پوليس تي حملن سميت سنگين ڏوهن ۾ ملوث 3 انتهائي گهربل ڦورو پوليس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

وڏي وزير سان ڏکڻ ڪوريا جي سفير جي ملاقات، صوبي ۾ سيڙپڪاري ۽ واپاري سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

ملاقات ۾ ڏکڻ ڪوريا جي قونصلر ۽ ڊپٽي هيڊ آف مشن سون يونگ سونگ، ريسرچر آهن هائي سن ۽ سيڪريٽري ٽو سي ايم آصف جميل پڻ شريڪ هئا

پاڪستان ۽ ڏکڻ ڪوريا جي وچ ۾ دوستانه لاڳاپا گڏيل اعتماد ۽ گڏيل مفادن تي ٻڌل آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪندي

نثار احمد کهڙو جي سربراهي ۾ اجلاس، سڀني سياسي جماعتن سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو

صوبن حوالي سان جلسا جلوسن جا پروگرام رکندڙ سياسي جماعتن جي سربراهن سان رابطو ڪري ڪين جلسا جلوس منعقد نه ڪرڻ جي اپيل ڪئي ويندي

نثار احمد کهڙو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ خالد مقبول صديقي، ڊاڪٽر قادر مگسي، رياض چانڊيو ۽ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو

پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته سنڌ ۾ امن امان برقرار رهي ۽ ڪنهن به قسم جي بد مزگي يا شرانگيزي کان پاسو ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي پاران نثار احمد کهڙو جي سربراهي ۾ قائم ڪيل ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ وقار مهدي، ناصر حسين شاهه ۽ ضياءَ الحسن لنجار شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ ۽ سياسي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

صدر ۽ وزيراعظم جي ملاقات ڪانپوءِ مثبت اڳڀرائي جي اميد آهي: طارق فضل چوڌري

ريفرنڊم جو مقصد ڪنهن معاملي تي سڌي ريت عوام جي راءِ معلوم ڪرڻ هوندو آهي

ريفرنڊم آئين ۾ موجود آئيني ۽ سياسي آپشن آهي، ڪنهن تڪراري معاملي تي عوام کان سڌو پڇي سگهجي ٿو ته هو ڇا ٿو چاهي

عوامي راءِ سامهون اچڻ ڪانپوءِ ان تي عملدرآمد جو طريقيڪار طئي ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي ملاقات ڪانپوءِ مثبت اڳڀرائي جي اميد آهي، ملڪ جي مفاد ۾ بهتر فيصلو سامهون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

صلاحون ڏيندڙ پهريان پنهنجي صوبي ۾ نوان صوبا ٺاهي ڏيکارين: سعيد غني

ريفرنڊم جي ڪا به آئيني حيثيت ناهي، ملڪ جو لکيل آئين موجود آهي، جنهن تي ڪنهن کي به اختلاف ناهي

ريفرنڊم ذريعي آئين ۾ نئين خرابي پيدا ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي، پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام جي نمائندگي ڪري رهي آهي

ان تي ڪنهن به قسم جو دٻاءُ يا پريشاني ناهي ۽ جيڪڏهن دٻاءُ آيو ته اهو به برداشت ڪيو ويندو

بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جي عوام جون ڏکيائيون ختم ڪرڻ ۽ ملڪ کي موجوده مسئلن معاشي بحران ۽ ڏکيائين مان ڪڍڻ لاءِ سٺي ڳالهه ڪئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته ريفرنڊم جي ٽالي تي آئين ۾ جيڪڏهن ڪو جهڳڙو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته پوءِ ڪيترائي جهڳڙا ٽڪري ايندا، ريفرنڊم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي ۾ گهريلو تڪرار تي فائرنگ عورت سميت ٽي ماڻهو قتل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي لانڍي جي اولڊ مظفرآباد ڪالوني ۾ گهريلو تڪرار تي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

مختلف ملڪن جي حساس سرڪاري ڊيٽا جي چوري ۽ وڪري ۾ مبينا طور ملوث پاڪستاني نوجوان گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) ڪراچي بين الاقوامي انٽيليجنس اداري جي اطلاع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

جي آءِ ٽي مشڪوڪ ماڻهن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ ۽ بئنڪ اڪائونٽس جي جاچ پڙتال جي اجازت لاءِ جوڊيشل مئجسٽريٽ اوير جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) نوجوان واپاري مير رضا جي قتل ڪيس جي جاچ ڪندڙ گڏيل جاچ ٽيم (جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي ٿائيلينڊ جي سينيٽ جي صدر سان ملاقات ڪندي

ڪراچي: لياقت آباد سنڌي هوٽل پرسان ڪاٺ جي گودام کي باهه

باهه وسائڻ لاءِ فائر برگيڊ جون پنج گاڏيون پهچي ويون

باهه دڪان ۾ لڳي، جيڪا عمارت جي پهرين ماڙ کان ٿيندي ڇت تائين پهچي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي لياقت آباد ۾ سنڌي هوٽل پرسان ڪاٺ جي گودام کي باهه لڳي وئي. باهه وسائڻ لاءِ فائر برگيڊ جون پنج گاڏيون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڪراچي ڪوئيٽا، مانسهره ۽ ايبٽ آباد جي شهرين بنيادي سهولتن جي نه ملڻ سبب نون صوبن جي قيام جي حمايت ڪري ڇڏي

پاڪستان ۾ اڄ به ڪيترن ئي علائقن جا عوام تعليم، صحت ۽ روزگار جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم آهن: شهري

وڌندڙ آبادي ۽ مسئلن سبب موجوده انتظامي ڍانچي تحت اثرائتو حڪومتي نظام هلائڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي

عوامي حلقن مطابق ملڪ کي نئين انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ سان ڏورانهن علائقن کي ترقي جا هڪجهڙا موقعا ملي سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ جي مختلف شهرن ڪراچي، ڪوئيٽا، مانسهره ۽ ايبٽ آباد جي شهرين بنيادي سهولتن جي نه ملڻ، وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري ۽ انتظامي مسئلن سبب نون صوبن جي قيام جي حمايت ڪري ڇڏي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
ڇنڇر 21 نومبر 2026ع بمطابق 10 جمادي الثاني 1448ھ

آن لائن جوا جو خطرناڪ چار

ڊجيٽل ٽيڪنالاجيءَ جي تيز رفتار ترقي جتي دنيا کي سهولتون، ڪاروباري موقعا ۽ رابطن جا نوان ذريعا فراهم ڪيا آهن، اتي ان جو غلط استعمال سماج لاءِ ڪيترائي سنگين مسئلا پڻ پيدا ڪري رهيو آهي. پاڪستان ۾ آن لائن جوا ۽ بيٽنگ ايپس جو وڌندڙ رجحان به اهڙوئي هڪ خطرناڪ مسئلو بڻجي چڪو آهي، جيڪو نه رڳو نوجوان نسل جي مستقبل، پر لکين خاندانن جي معاشي سلامتي ۽ سماجي زندگيءَ لاءِ وڏو خطرو بڻجي رهيو آهي. تازو ڪراچي ۾ نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) پاران آن لائن جوا ۽ بيٽنگ جي هڪ وڏي بين الاقوامي نيٽ ورڪ خلاف ڪيل ڪارروائيءَ ڪيترن ئي ڇرڪائيندڙ حقيقتن کي سامهون آندو آهي. جاچ اداري جي اختيارين موجب هن نيٽ ورڪ ذريعي 240 ارب رپين جي ٽرانزيڪشن ٿي، جڏهن ته مجموعي مالي سرگرمين جو انگ هڪ هزار ارب رپين تائين پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي. ست ملين ڊالرن جا يو ايس ڊي ٽي ڪرپٽو اثاثا ۽ هڪ ارب رپين جا نقد ۽ ٻيا اثاثا منجمد ڪرڻ، پنجن جوابدارن جي گرفتاري ۽ 38 بئنڪ اڪائونٽن توڙي 40 ماڻهن جي شموليت جي نشاندهي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته آن لائن جوا جو ڪاروبار هاڻي رڳو موبائل فونن تي کيڏجندڙ هڪ راند نه رهيو آهي، پر ان جي پويان منظم مالي نيٽ ورڪ، مختلف ڪمپنيون، بئنڪ اڪائونٽ ۽ مبينا سهولتڪار به ڪم ڪري رهيا آهن.

هن ڪارروائيءَ جو سڀ کان وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳو پاسو اهو آهي ته آن لائن جوا هلائيندڙ نيٽ ورڪ مبينا طور شروعات ۾ ماڻهن کي ٿورو منافعو ڏئي سندن اعتماد حاصل ڪندا آهن. کين وڌيڪ رقم لڳائڻ لاءِ آماده ڪندا آهن ۽ جڏهن ماڻهو ان عادت ۾ ڦاسي پوندا آهن ته سندن جمع ڪرايل رقم ضبط ڪئي ويندي آهي. اهڙي طريقيڪار ۾ عام طور بيروزگار نوجوان، محدود آمدني وارا ماڻهو، شاگرد ۽ جلدي امير ٿيڻ جي خواهش رکندڙ شهري آسانيءَ سان شڪار بڻجي وڃن ٿا. ڪيترائي ماڻهو پنهنجي بچت، گهر جو خرچ، ٻارن جي تعليم لاءِ رکيل رقم ۽ ڪڏهن ڪڏهن قرض کڻي به اهڙين ايپس ۾ لڳائين ٿا. شروعاتي فائدي جي لالچ کين اهڙي جار ۾ ڦاسائي ٿي، جتان نڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. جڏهن نقصان وڌي ٿو ته ماڻهو وڌيڪ رقم لڳائي اڳوڻو نقصان پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جنهن سان معاشي پريشانيون، گهريلو تڪرار ۽ ذهني دٻاءُ وڌي ٿو.

اڄ جي جديد دور ۾ موبائل فون ۽ انٽرنيٽ تقريبن هر شهريءَ جي پهچ ۾ آهن. اهڙي صورتحال ۾ آن لائن جوا جون ايپس آسانيءَ سان نوجوانن تائين پهچي رهيون آهن. سوشل ميڊيا، مختلف ويب سائيٽن ۽ موبائل ايپليڪيشنن ذريعي اهڙن غيرقانوني ڪاروبارن جي تشهير ڪئي وڃي ٿي. نوجوانن کي ٿوري وقت ۾ وڏو منافعو ڪمائڻ جا خواب ڏيکاريا وڃن ٿا، پر حقيقت ۾ انهن جي مالي مستقبل سان کيڏيو وڃي ٿو. والدين کي به پنهنجي ٻارن جي آن لائن سرگرمين، موبائل فون جي استعمال ۽ غيرمعمولي مالي ڏيتي ليتيءَ تي نظر رکڻ گهرجي، جڏهن ته تعليمي ادارن ۾ ڊجيٽل شعور ۽ آن لائن فراڊ بابت آگاهيءَ کي به نصاب ۽ تدريسي سرگرمين جو حصو بڻائڻ جي ضرورت آهي.

هن ڪيس جو هڪ ٻيو اهم پاسو مالي نظام جي مبينا غلط استعمال جو آهي. جاچ اداري جي بيان موجب جوا جي رقم مختلف ڪاروباري سرگرمين، ڊيري ۽ ويب ڊيزائننگ جهڙن ڪاروباري نالن هيٺ منتقل ڪئي وئي، جڏهن ته ڪجهه بئنڪ اڪائونٽ هولڊرز کي ماهوار رقم ڏئي سندن اڪائونٽ استعمال ڪيا ويا. جيڪڏهن مالي ادارن جي اندر موجود ڪنهن عملي يا بئنڪ مئنيجر جي سهولتڪاري جا الزام جاچ ۾ ثابت ٿين ٿا ته اهو رڳو هڪ ڏوهاري نيٽ ورڪ جو مسئلو نه رهندو، پر مالي نگرانيءَ جي نظام تي پڻ سنجيده سوال اٿاريندو. بئنڪن جو بنيادي فرض پنهنجن گراهڪن جي مالي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ غيرمعمولي ٽرانزيڪشن جي نشاندهي ڪرڻ آهي. ان ڪري بئنڪن کي گهرجي ته شڪي اڪائونٽن، غيرمعمولي رقم جي منتقلي ۽ غيرواضح ڪاروباري سرگرمين بابت پنهنجي نگرانيءَ جو نظام وڌيڪ اثرائتو بڻائين.

اسٽيٽ بئنڪ پاران شڪي ٽرانزيڪشن رپورٽن جي بنياد تي جاچ شروع ٿيڻ هڪ اهم اڳڀرائي آهي، پر سوال اهو آهي ته اربين رپين جي مالي سرگرمين وارو اهڙو نيٽ ورڪ ڪيتري عرصي تائين سرگرم رهيو ۽ ان جي روڪٿام لاءِ اڳواٽ اثرائتا قدم ڇو نه کنيا ويا؟ رڳو ڪارروائيءَ دوران ڪجهه جوابدار گرفتار ڪرڻ ۽ اثاثا منجمد ڪرڻ ڪافي نه هوندو، پر ان سڄي مالي نظام، ٽيڪنيڪي سهولتڪارن، ايپ ڊولپرز، اڪائونٽ هولڊرز ۽ اصل فائدو حاصل ڪندڙن تائين پهچڻ ضروري آهي. جاچ جو دائرو رڳو ڪراچي تائين محدود نه رکيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهڙيون آن لائن سرگرميون ڪنهن هڪ شهر يا علائقي تائين محدود ناهن هونديون. ڊجيٽل نيٽ ورڪن ذريعي ملڪ جي مختلف شهرن ۽ ٻاهرين ملڪن سان مالي ڏيتي ليتي ٿي سگهي ٿي.

حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي گهرجي ته غيرقانوني آن لائن جوا ۽ بيٽنگ ايپس خلاف هڪ جامع ۽ مستقل پاليسي جوڙين. اهڙين ايپس جي سڃاڻپ، بندش، انهن سان لاڳاپيل بئنڪ اڪائونٽن جي جاچ ۽ غيرقانوني مالي ڏيتي ليتيءَ جي روڪٿام لاءِ سائبر ڪرائم ادارن، اسٽيٽ بئنڪ، بئنڪن ۽ ٽيليڪميونيڪيشن ادارن وچ ۾ مضبوط سهڪار قائم ڪيو وڃي. گڏوگڏ قانوني ڪارروائيءَ کي شفاف بڻايو وڃي ته جيئن ڪنهن بيگناهه شهريءَ کي رڳو شڪي ٽرانزيڪشن جي بنياد تي بنا ثبوت جي ڏوهاري قرار نه ڏنو وڃي. گرفتار جوابدارن خلاف الزام عدالتن ۾ ثبوتن سان ثابت ڪيا وڃن ۽ اصل سرپرستن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

سماجي سطح تي به هن مسئلي کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ جي ضرورت آهي. نوجوانن کي اهو سمجهائڻو پوندو ته جوا ذريعي رات وچ ۾ امير ٿيڻ جو خواب حقيقت ۾ مالي تباهيءَ جو رستو آهي. حڪومت کي نوجوانن لاءِ روزگار، فني سکيا، ڪاروباري سهولتن ۽ مثبت سرگرمين جا موقعا وڌائڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته معاشي بي يقيني ۽ بيروزگاري به نوجوانن کي آسانيءَ سان اهڙين لالچن ڏانهن ڌڪي ٿي. ميڊيا، سماجي تنظيمن ۽ تعليمي ادارن کي گڏجي آن لائن جوا جي نقصانن بابت آگاهي مهم هلائڻ گهرجي.

ڪراچي ۾ اين سي سي آءِ اي جي تازي ڪارروائي هڪ اهم شروعات آهي، پر ان جي اصل ڪاميابي تڏهن ممڪن ٿيندي، جڏهن هن غيرقانوني ڪاروبار جي پاڙ پٽي ويندي، متاثر شهرين جي نقصانن بابت قانوني رستا واضح ڪيا ويندا ۽ مستقبل ۾ اهڙن نيٽ ورڪن کي جنم وٺڻ کان روڪڻ لاءِ اثرائتو نظام قائم ڪيو ويندو. اربين رپين جي ٽرانزيڪشن جو انڪشاف رڳو مالي ڏوهه جي ڪهاڻي ناهي، پر اهو سماج جي نوجوان نسل، خاندانن ۽ ملڪ جي معيشت لاءِ هڪ خبرداري آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا، مالي ادارا ۽ سماج گڏجي آن لائن جوا جي هن خطرناڪ جار خلاف مستقل ۽ نتيجا ڏيندڙ حڪمت عملي اختيار ڪن، ڇو ته نوجوان نسل جو مستقبل ڪنهن به غيرقانوني جوا نيٽ ورڪ جي ڪمائيءَ کان وڌيڪ قيمتي آهي.

سياسي محاذ آرائي عوامي مسئلن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان هن وقت اهڙي سياسي دور مان گذري رهيو آهي، جتي اقتدار جي ڇڪتاڻ، سياسي اختلافن، هڪ ٻئي تي الزامن ۽ بيان بازيءَ قومي سياست کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي. حڪومتي ڌريون هجن يا مخالف ڌريون، هر طرف سياسي محاذ آرائيءَ جو ماحول نظر اچي رهيو آهي. پارليامينٽ کان وٺي سياسي جلسن ۽ ٽيليويزن جي بحثن تائين هڪ ٻئي کي هيٺ ڏيکارڻ جي ڪوشش جاري آهي، پر هن سموري سياسي شور شرابي ۾ هڪ اهم سوال مسلسل نظرانداز ٿي رهيو آهي ته آخر عام پاڪستاني ڪٿي بيٺو آهي؟ سندس مسئلا ڪير حل ڪندو؟ سندس مشڪلاتن جو احساس ڪهڙي سياسي قيادت کي آهي؟ پاڪستان جي سياست ۾ اختلاف راءِ ڪا نئين ڳالهه ناهي. جمهوري نظام ۾ سياسي جماعتن وچ ۾ اختلاف ٿيندا آهن، حڪومت جي پاليسين تي تنقيد به ٿيندي آهي ۽ مخالف ڌر جو ڪم به حڪومت کان سوال ڪرڻ آهي، پر جڏهن سياسي اختلاف ذاتي دشمنيءَ ۾ تبديل ٿي وڃن ته ان جا اثر سڄي ملڪ تي پون ٿا. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان وٽ سياست جو مرڪز عوامي خدمت بدران اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ سياسي مخالفن کي ڪمزور ڪرڻ بڻجي رهيو آهي.

تازن ڏينهن ۾ سياسي گرمي پد هڪ ڀيرو ٻيهر وڌندو نظر اچي رهيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سياسي نظام ۾ تبديلي ۽ سياسي اتفاق راءِ جي ضرورت تي زور ڏيندي ملڪ ۾ سياسي نئين شروعات جي ڳالهه ڪئي آهي. سندس بيان کان پوءِ حڪومتي حلقن طرفان به ردعمل سامهون آيو ۽ سياسي اختلاف هڪ نئين بحث ۾ تبديل ٿي ويا. سوال اهو آهي ته ڇا سياسي قيادت انهن اختلافن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ لاءِ تيار آهي يا ملڪ کي وڌيڪ سياسي ڇڪتاڻ ڏانهن ڌڪيو ويندو؟

اها حقيقت آهي ته پاڪستان کي هن وقت سياسي استحڪام جي سخت ضرورت آهي. ڪو به ملڪ مسلسل سياسي بي يقيني، محاذ آرائي ۽ ادارن وچ ۾ اختلافن واري ماحول ۾ ترقي نٿو ڪري سگهي. سيڙپڪار اعتماد وڃائي ويهن ٿا، واپاري سرگرميون متاثر ٿين ٿيون ۽ عام شهريءَ کي مستقبل بابت غير يقيني صورتحال کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. پر اسان جا سياسي اڳواڻ هن بنيادي حقيقت کي سمجهڻ بدران هڪ ٻئي خلاف سياسي محاذ کولڻ ۾ مصروف نظر اچن ٿا.

ٻئي پاسي عوام جي معاشي حالت به ڪنهن کان لڪل ناهي. مهانگائيءَ عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. هڪ مزدور جيڪو سڄو ڏينهن محنت ڪري پنهنجي ٻارن لاءِ ٻن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست ڪري ٿو، اهو بجليءَ جي بلن، گئس جي خرچن، گهر جي ڪرايي ۽ روزمره جي شين جي وڌندڙ اگهن وچ ۾ پريشان آهي. اڇي پوش طبقو پنهنجون بنيادي ضرورتون محدود ڪرڻ تي مجبور آهي، جڏهن ته نوجوان روزگار جي ڳولا ۾ دربدر ٿي رهيا آهن. پڙهيل لکيل نوجوانن لاءِ به روزگار جا موقعا محدود آهن. اهڙين حالتن ۾ عوام اهو سوال ڪرڻ ۾ حق بجانب آهي ته سندن چونڊيل نمائندا انهن مسئلن جي حل لاءِ ڪهڙا قدم کڻي رهيا آهن؟

حڪومت جي ذميواري صرف سياسي مخالفن کي جواب ڏيڻ يا پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو دفاع ڪرڻ لاءِ بيان جاري ڪرڻ ناهي، پر عوام کي عملي رليف فراهم ڪرڻ به آهي. جيڪڏهن حڪومت وٽ معاشي بهتريءَ جو منصوبو موجود آهي ته اهو عوام آڏو آندو وڃي. جيڪڏهن مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ته انهن جا نتيجا عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ به نظر اچڻ گهرجن. رڳو اعلانن ۽ دعوائن سان ڪنهن غريب جي گهر جو چلهو نٿو ٻري سگهي. ساڳيءَ طرح مخالف ڌر جي جماعتن کي به پنهنجي سياسي ذميواريءَ جو احساس ڪرڻو پوندو. حڪومت تي تنقيد ڪرڻ سندن جمهوري حق آهي، پر تنقيد سان گڏ متبادل پاليسي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ واضح منصوبو پيش ڪرڻ به ضروري آهي. عوام رڳو احتجاجي سياست نٿو چاهي، هو پنهنجي زندگيءَ ۾ بهتري چاهي ٿو. کيس اهڙي سياسي قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا اقتدار جي جنگ بدران سندس مستقبل بابت سنجيده هجي.

پاڪستان ۾ پارليامينٽ کي قومي مسئلن جي حل لاءِ سڀ کان اهم ادارو هجڻ گهرجي. حڪومت ۽ مخالف ڌر کي گهرجي ته پارليامينٽ ۾ ويهي معيشت، تعليم، صحت، روزگار، توانائي ۽ امن امان جهڙن بنيادي معاملن تي گڏيل حڪمت عملي جوڙين. جمهوريت جي اصل خوبصورتي اها آهي ته اختلافن باوجود قومي مفاد تي اتفاق ڪيو وڃي. جيڪڏهن سياسي جماعتون هڪ ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هونديون ته پوءِ سياسي استحڪام جو خواب ڪيئن پورو ٿيندو؟ ملڪ کي هن وقت اهڙي سياسي ماحول جي ضرورت آهي، جتي سياسي مخالف کي دشمن نه سمجهيو وڃي، اختلاف راءِ کي برداشت ڪيو وڃي ۽ قومي معاملن تي سنجيده ڳالهه ٻولهه کي هٿي ڏني وڃي. ماضيءَ جي سياسي غلطين مان سبق سکڻ جي ضرورت آهي. هر ايندڙ حڪومت جيڪڏهن اڳوڻي حڪومت جي منصوبن کي ختم ڪرڻ ۽ سياسي مخالفن خلاف ڪارروائين ۾ پنهنجو وقت گذاريندي ته ملڪ ترقيءَ جي منزل ڪيئن حاصل ڪندو؟

هتي اها ڳالهه به سمجهڻ ضروري آهي ته سياسي استحڪام جو مطلب اهو ناهي ته حڪومت تي تنقيد بند ڪئي وڃي يا مخالف ڌر کي خاموش ڪرايو وڃي. اصل سياسي استحڪام اهو آهي، جتي آئين جي بالادستي هجي، ادارا پنهنجي آئيني حدن اندر ڪم ڪن، پارليامينٽ اثرائتي هجي، صحافت کي آزادي ۽ تحفظ حاصل هجي ۽ عوام کي پنهنجا مسئلا بيان ڪرڻ جو حق هجي. اهڙي ماحول ۾ ئي جمهوري نظام مضبوط ٿي سگهي ٿو.

اڄ پاڪستان کي سياسي نعرن کان وڌيڪ عملي قدمن جي ضرورت آهي. حڪومت کي گهرجي ته مهانگائيءَ ۾ گهٽتائي، روزگار جي فراهمي، تعليم ۽ صحت جون سهولتون بهتر بڻائڻ کي پنهنجي پهرين ترجيح بڻائي. مخالف ڌر کي به قومي مفاد جي معاملن تي سنجيده ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سياسي جماعتن کي پنهنجا اختلاف ڳالهين جي ميز تي حل ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته سياسي ويڙهه جو نقصان آخرڪار ملڪ ۽ عوام کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. پاڪستان ڪنهن هڪ سياسي جماعت، ڪنهن هڪ خاندان يا ڪنهن هڪ طبقي جو ملڪ ناهي، پر اهو ڪروڙين پاڪستانين جي گڏيل اميدن ۽ قربانين جو نالو آهي. هتي رهندڙ هر شهريءَ کي بهتر زندگي، روزگار، انصاف ۽ بنيادي سهولتون حاصل ڪرڻ جو حق آهي. سياسي قيادت کي اهو سمجهڻو پوندو ته عوام کين هڪ ٻئي سان وڙهڻ لاءِ نه، پر ملڪ جو مستقبل بهتر بڻائڻ لاءِ چونڊيو آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سياسي قيادت اقتدار جي ڇڪتاڻ مان نڪري عوامي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏئي. ڇاڪاڻ ته عوام کي سياسي بيان نه، پر عملي نتيجا گهرجن. ماڻهن کي هڪ ٻئي تي الزام هڻندڙ اڳواڻ نه، پر سندن مسئلا حل ڪندڙ قيادت گهرجي. جيڪڏهن سياستدانن اڃا به پنهنجون ترجيحون تبديل نه ڪيون ته عوام جو سياسي نظام تان اعتماد وڌيڪ ڪمزور ٿيندو. تاريخ شاهد آهي ته اهي ئي قومون ترقي ڪنديون آهن، جن جي قيادت ذاتي مفادن کان مٿانهون ٿي قومي مفاد کي ترجيح ڏيندي آهي. پاڪستان کي به اڄ اهڙي سوچ، اهڙي اتحاد ۽ اهڙي ذميوار سياسي قيادت جي ضرورت آهي.

ڇا پاڪستان جو سياسي نظام ڪنهن وڏي تبديليءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي؟

اعجاز ممنائي

موجوده صورتحال ۾ پاڪستان جي سياست ۾ اهڙيون نشانيون نظر اچي رهيون آهن، جيڪي ڪنهن وڏي تبديليءَ جي اڳڪٿي ڪن ٿيون. اها تبديلي ضروري ناهي ته هڪ ٻه ڏينهن ۾ اچي، پر نون صوبن، 28هين آئيني ترميم، ريفرنڊم، عمران خان جي آزادي ۽ "سياسي ري سيٽ" جي بحث مان لڳي ٿو ته پاڪستان جو موجوده سياسي بندوبست دٻاءُ هيٺ آهي. سڀ کان وڏو سوال اهو ناهي ته حڪومت ڪير هلائيندو، پر اهو آهي ته حڪومت ڪرڻ جو طريقو ئي تبديل ٿيڻ وارو آهي يا نه؟ ان بابت وفاقي گهرو وزير محسن نقوي بار بار چيو آهي ته ملڪ جو نظام "ري سيٽ" ٿيڻ وارو آهي ۽ نوان انتظامي يونٽ ٺهڻ گهرجن. ٻئي طرف، بلاول ڀٽو زرداري به "سياسي ري سيٽ" جو مطالبو ڪيو آهي، پر سندس ري سيٽ جو مطلب پارليمان، اتفاق راءِ ۽ سياسي قيدين جي آزادي آهي. يعني ٻئي ڌريون لفظ "ري سيٽ" استعمال ڪن ٿيون، پر ٻنهي جو مطلب مختلف آهي. نقوي جو ري سيٽ انتظامي نقشو بدلائڻ آهي، جڏهن ته بلاول جو ري سيٽ سياسي اعتماد بحال ڪرڻ آهي. بلاول چيو آهي ته نظام پنهنجي پاڻ نه ڪريو آهي، پر ان کي "جاٽي واٽي تباهه" ڪيو ويو آهي. هن اهو به تسليم ڪيو ته هو پاڻ به ان ذميواري ۾ شامل آهي. اهڙو اعتراف پاڪستاني سياست ۾ عام ناهي ۽ ان مان لڳي ٿو ته پيپلز پارٽي به هاڻي موجوده نظام کان مطمئن ناهي. ان تبديليءَ جو سڀ کان وڏو حصو نوان صوبا ٺاهڻ جي تجويز آهي. خواجا آصف 12 صوبن جي حمايت ڪئي آهي، جڏهن ته رپورٽن موجب پنجاب کي چار، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان کي ٽي ٽي ۽ سنڌ کي ٻن صوبن ۾ ورهائڻ جي تجويز زير غور آهي. انهيءَ تجويز کي 28هين آئيني ترميم ۽ قومي ريفرنڊم سان جوڙيو پيو وڃي. ايم ڪيو ايم ڊسمبر ۾ ريفرنڊم ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي، جڏهن ته وفاقي حڪومت به ريفرنڊم کي عوامي راءِ معلوم ڪرڻ جو آئيني طريقو قرار ڏنو آهي پر آئيني رڪاوٽ تمام وڏي آهي. صوبي جي حدن ۾ تبديلي لاءِ ان صوبي جي اسمبلي جي ٻه ٽهائي اڪثريت به ضروري هوندي. يعني سنڌ کي ورهائڻ لاءِ سنڌ اسمبلي جي رضامندي گهرجي، جتي پيپلز پارٽي جي اڪثريت آهي ۽ سنڌ اسمبلي اڳ ئي تقسيم خلاف قرارداد منظور ڪري چڪي آهي. تنهن ڪري وڏي تبديلي ممڪن آهي، پر آسان ناهي ڇو ته ڪا به وڏي سياسي ترتيب پي ٽي آءِ کانسواءِ مڪمل نٿي ٿي سگهي. بلاول چيو آهي ته عمران خان سياسي قيدي آهي، مخصوص سيٽون واپس ٿيڻ گهرجن ۽ پي ٽي آءِ سان ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. هن چيو ته پي ٽي آءِ کي پسند ڪجي يا نه، ان کانسواءِ ملڪ نٿو هلي سگهي. رپورٽن موجب، عمران خان به نون صوبن جي خيال جي حمايت ڪئي آهي ۽ پي ٽي آءِ جي پارلياماني ڌڙي کي ڳالهين جي اجازت ڏني آهي. جيڪڏهن عمران خان ۽ اسٽيبلشمينٽ وچ ۾ ڪا سمجهوتو ٿئي ٿو ته اهو پاڪستان جي سياست ۾ تمام وڏي تبديلي هوندو پر ساڳئي وقت، پي ٽي آءِ جا حامي سمجهن ٿا ته بلاول جو موقف دير سان آيو آهي، ڇو ته پيپلز پارٽي پاڻ ان نظام جو حصو رهي آهي. ڪجهه سال اڳ پيپلز پارٽي اسٽيبلشمينٽ سان گڏ بيٺل نظر ايندي هئي، پر هاڻي اختلاف کليل ٿي رهيا آهن. بلاول 27هين ترميم کي جبري اڪثريت سان منظور ٿيل چيو آهي، جڏهن ته حڪومت جو چوڻ آهي ته پيپلز پارٽي پاڻ ان ترميم ۾ شامل هئي. ڊان نيوز موجب، حڪومت پيپلز پارٽي کي ياد ڏياري رهي آهي ته اهي "ساڳي طرف" آهن، پر بلاول جا بيان ان ڳالهه کي رد ڪن ٿا. اهو اختلاف صرف بيانن جو ناهي، سنڌ جي تقسيم، پاڻي ۽ صوبائي اختيارن جو به آهي. جڏهن حڪمران اتحاد اندر ئي اختلاف وڌن ٿا، ته نظام ۾ تبديليءَ جا امڪان به وڌندا آهن. هن تبديليءَ ۾ صدر آصف علي زرداري جو ڪردار به اهم ٿي رهيو آهي. محسن نقوي جي نوابشاهه ۾ زرداري سان ملاقات کان پوءِ قياس آرائي وڌي آهي ته نون صوبن، ريفرنڊم ۽ سياسي ري سيٽ تي پس پرده ڳالهيون ٿي رهيون آهن. صدر جي حيثيت سان زرداري وٽ آئيني اختيار به آهن ۽ پيپلز پارٽي جي سربراهه طور سياسي وزن به. جيڪڏهن هو نون صوبن يا 28هين ترميم جي حمايت ڪري ٿو ته تبديلي تيز ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن هو سنڌ جي موقف تي بيهي رهي ٿو ته منصوبو رڪجي سگهي ٿو.

سوشل ميڊيا تي ردعمل تمام گهڻو ورهايل آهي. ڪيترائي سنڌي صارف "سنڌ هڪ آهي" جو نعرو هڻي رهيا آهن ۽ ڪنهن به تقسيم کي رد ڪري رهيا آهن. ٻئي طرف، ڪراچي جي ڪجهه حلقن ۾ الڳ صوبي جي حمايت به نظر اچي ٿي. هي بحث صرف انتظامي نه رهيو آهي، اهو نسلي، لساني ۽ صوبائي سڃاڻپ جو به بحث بڻجي چڪو آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته صوبا ٺاهڻ يا ورهائڻ جا فيصلا هميشه سياسي تڪرار پيدا ڪندا رهيا آهن. ايوب خان جي ون يونٽ واري تجربي کي به هاڻي ياد ڪيو پيو وڃي. محسن نقوي چوي ٿو ته ريفرنڊم ذريعي عوام جي راءِ معلوم ڪئي وڃي. خواجا آصف به چوي ٿو ته پارليمان سان گڏ عوامي راءِ وٺڻ سان فيصلي کي وڌيڪ قانوني حيثيت ملندي پر بلاول ۽ ڊان جا ادارتي نوٽ ٻڌائين ٿا ته ريفرنڊم آئيني رڪاوٽ ختم نٿو ڪري سگهي. صوبي جي حدن ۾ تبديلي لاءِ صوبائي اسمبلي جي ٻه ٽهائي منظوري گهرجي. تنهن ڪري ريفرنڊم سياسي دٻاءُ پيدا ڪري سگهي ٿو پر قانوني طور حتمي فيصلو پارليمان ۽ صوبائي اسمبليون ئي ڪنديون. بلاول ان ڪري ريفرنڊم کي غير آئيني ۽ غير جموري مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ اوزار قرار ڏنو آهي. پاڪستان جو سياسي نظام وڏي تبديليءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي، پر اها تبديلي ٻن رخن مان هڪ اختيار ڪري سگهي ٿي يا ته آئيني ۽ سياسي ري سيٽ، جتي سڀ پارٽيون، بشمول پي ٽي آءِ، گڏ ويهن، مخصوص سيٽون واپس ٿين، سياسي قيدي آزاد ٿين ۽ پارليمان جو اعتماد بحال ٿئي. يا وري انتظامي ۽ آئيني ٻيهر ترتيب، جتي نوان صوبا، 28هين ترميم ۽ ريفرنڊم ذريعي ملڪ جو نقشو بدلايو وڃي. پهريون رخ جمهوريت کي مضبوط ڪري سگهي ٿو ٻيو رخ ملڪ کي وڌيڪ تڪرار ڏانهن به وٺي وڃي سگهي ٿو خاص ڪري جيڪڏهن سنڌ جي رضامندي کانسواءِ ڪا ڪوشش ٿي. اصل سوال اهو آهي ته ڇا تبديلي عوام جي رضامندي سان ايندي يا مٿان کان مسلط ڪئي ويندي؟ ان جو جواب ئي طئي ڪندو ته پاڪستان جو ايندڙ سياسي نظام ڪهڙي شڪل اختيار ڪندو.

بقايا * 01**

ته ڪيس خبر آهي ته شهباز شريف ان ڳالهه تي فخر ڪري ٿو ته هن پاڪستان کي ڊيوالپٽي کان بچايو، پر وزيراعظم کي معاشي ڌڪائين تي ڌيان ڏيڻ جو موقعو ئي نه ڏنو ويو. وزيراعظم ڇا ڪري، هو جڏهن به ڪو منصوبو جوڙي ٿو ته سندس ڪو وزير پنهنجو ايجنڊا کڻي اچي ٿو. بلاول ڀٽو چيو ته موجوده معاشي بحران مان نڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو، دنيا جي سڀني حڪومتن جو ڌيان ان ڳالهه تي آهي ته عوام کي ڪيئن رليف فراهم ڪري سگهجي. عوام کي ان ڳالهه جي ڳڻتي ناهي ته هڪ صوبو هجي يا پنج صوبا، کين پنهنجي معاشي ڌڪائين جي ڳڻتي آهي. ملڪ جون معاشي پريشانيون ختم ڪرڻ لاءِ سڀني پارٽين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو هن چيو ته اوهان مولانا فضل الرحمان ۽ خان صاحب کي پسند ڪريو يا نه، پر انهن سان به ڳالهه ٻولهه ۽ رابطو رکڻو پوندو جيڪڏهن منهنجي نظر ۾ ملڪ جو مفاد اهم نه هجي ها ته مان به چوان ها ته کين رڳو رڳڙيندا رهو. پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين چيو ته پيپلز پارٽي واحد سياسي جماعت آهي، جنهن جو ڌيان محدود وسيلن باوجود عوام جي مدد ڪرڻ تي آهي. سنڌ حڪومت پاران ٽر لاءِ پيڪيج ڏيڻ واري قدم جي آجيان ڪريان ٿو پيپلز پارٽيءَ کي احساس آهي ته ملڪ ۾ معاشي بحران، مهانگائي ۽ بيروزگاري جا مسئلا موجود آهن. افسوس آهي ته اسان جي ملڪ ۾ سياستدانن ۽ حڪمرانن عوامي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ ڇڏي ڏنو آهي، سڀني سياسي اختلافن ۽ ويڙهن کي وساري اهو سمجهڻ گهرجي ته ملڪ ۾ اهڙو معاشي بحران اڳ ڪڏهن به نه آيو آهي. بلاول ڀٽو چيو ته ملڪ جون معاشي حالتون سڀني جي سامهون آهن، اسان معاشي بحران مان گذري رهيا آهيون ۽ خطي ۾ جنگ جهڙيون حالتون آهن. جنگ جو معاشي بار پاڪستان جو هر شهري پنهنجي ڪلهن تي برداشت ڪري رهيو آهي. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو ڏکيو معاشي وقت ناهي ڏٺو جڏهن ته اڃا تائين امن جو ڪو معاهدو نظر نٿو اچي. پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين چيو ته ملڪ ۾ اسان واحد سياسي جماعت آهيون، جنهن جي سوچ اها آهي ته محدود وسيلن ۾ عوام تائين ڪيئن مدد پهچائي سگهجي. پيپلز پارٽيءَ هميشه ننڍن آبادگارن جي نمائندگي ڪئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته معاشي بحران سبب ڊيزل ۽ ڀاڻ جون قيمتون وڌي رهيون آهن. اهڙين حالتن ۾ سنڌ حڪومت هاري ڪارڊ ذريعي 6 لک آبادگارن جي مدد ڪندي.

بقايا * 02**

واضح آهي، عوام جي راءِ ورتي وڃي ۽ جيڪڏهن عوام نوان صوبا ٺاهڻ جي حق ۾ هجي ته اهي قائم ٿيڻ گهرجن. اليڪشن ڪميشن ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي عطا تارڙ چيو ته گوجرانوالا سندس اباڻو شهر آهي، ضلعي بار جي جنرل سيڪريٽري جي دعوت تي هن اتي دورو ڪيو هو. ان وقت اتي ڪو به اميدوار موجود نه هو هن چيو ته ضلعي بار جي جنرل سيڪريٽري جي دعوت اليڪشن شيڊيول جاري ٿيڻ کان اڳ ملي هئي، اسان اليڪشن ڪميشن کان غيرمشروط معذرت ڪئي آهي. نون صوبن جي قيام بابت اسان جو موقف واضح آهي ته عوام جي راءِ ورتي وڃي ۽ جيڪڏهن عوام جي راءِ نون صوبن جي حق ۾ هجي ته اهي قائم ڪيا وڃن. عطا تارڙ چيو ته جيڪڏهن عوام نوان صوبا ٺاهڻ جي حق ۾ نه هجي ته پوءِ اهي نه ٺاهيا وڃن. عوامي راءِ سامهون آڻڻ جو رستو همورا ڪيو وڃي ۽ ان جو ريفرنڊم ڪرائڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ ان ۾ ڪو به حرج نه هجڻ گهرجي. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته ڪالهه صدر مملڪت سان وزيراعظم شهباز شريف جي ملاقات ٿي، جنهن ۾ مختلف معاملن تي ڳالهه ٻولهه ۽ افهام تفهيم سان اڳتي وڌڻ تي اتفاق ڪيو ويو هن چيو ته ريفرنڊم بابت آئيني شق واضح آهي، قومي اهميت ۽ وڏي اهميت وارن معاملن تي ريفرنڊم ڪرائي سگهجي ٿو عوام جي راءِ پڻ ورتي ويندي. منهنجي خيال ۾ عوام جي راءِ سامهون اچڻ گهرجي، اها ضرور سامهون ايندي، جنهن ڪانپوءِ ڏٺو ويندو ته اڳتي ڇا ڪرڻو آهي.

بقايا * 03**

ميران شاهه جو دورو ڪيو جتي کيس موجوده سڪيورٽي صورتحال ۽ جاري انٽيليجنس بنيادن تي ٿيندڙ آپريشن بابت بريفنگ ڏني وئي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل عاصم منير يادگار شهدا تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ ملڪ جي دفاع ۾ جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيدن جي قربانين کي ڀيٽا پيش ڪئي. فيلڊ مارشل کي دهشتگردي خلاف حاصل ڪاميابين کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ علائقي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام يقيني بڻائڻ لاءِ ڪيل قدمن بابت پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات پڻ ڪئي ۽ ملڪ جي دفاع ۽ سلامتيءَ لاءِ سندن اعليٰ تياري، پيشاورانه مهارت ۽ غيرمتزلزل عزم کي ساراهيو فيلڊ مارشل عاصم منير خيبرپختونخوا پوليس جي بهادريءَ کي ساراهيندي ان کي اڳين صفن ۾ وڙهندڙ هڪ بهادر فورس قرار ڏنو هن دهشتگردي ۽ فتنه الخوارج خلاف پوليس جي ثابت قدمي ۽ قربانين تي فخر جو اظهار ڪيو آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ويجهي سهڪار ذريعي دهشتگرديءَ جي لعنت کي فيصلائتي نموني ختم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ۽ خيبرپختونخوا ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رکڻ لاءِ سڪيورٽي فورسز جي غيرمتزلزل عزم جو ورجاءُ ڪيو. ميران شاهه پهچڻ تي ڪور ڪمانڊر پشاور آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جو استقبال ڪيو.

بقايا * 04**

آهي، جنهن ڪانپوءِ پاڪستان 119هين نمبر تي اچي ويو آهي. گڏيل قومن جي رپورٽ مطابق گذريل ڇهن سالن دوران پاڪستان جي عالمي درجه بندي ۾ مجموعي طور 31 درجا بهتري آئي آهي، جڏهن ته ملڪ جو اي ڊولپمينٽ انڊيڪس اسڪور 23 سيڪڙو واڌ سان 0.6264 تي پهچي ويو آهي. رپورٽ مطابق شهرين کي آن لائن سهولتن جي فراهمي حوالي سان پاڪستان ڏکڻ ايشيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اسڪور حاصل ڪيو آهي. وفاقي وزير آءِ ٽي شزا فاطمه خواجه هن اڳڀرائي کي وزيراعظم شهباز شريف جي ڊجيٽل نيشن ويزن جو نتيجو قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جي عالمي سطح تي بهتري کي تسليم ڪيو پيو وڃي هن چيو ته وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي مسلسل ڪوشش سان عوامي خدمتن کي آن لائن منتقل ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ڊجيٽل رابطن جو دائرو به وسيع ٿي رهيو آهي.

بقايا * 05**

، نوشهروفيروز ۽ لاڙڪاڻي جي مختلف بلدياتي حلقن ۾ ٿينديون تفصيل مطابق ضلعي حيدرآباد جي يونين ڪميٽي نمبر 90، ٽي ايم سي سچل سرمست ۾ جنرل ميمبر وارڊ جي سيٽ تي چونڊ ٿيندي، جڏهن ته ضلعي مٽياري جي يونين ڪائونسل نمبر 29 ۽ ضلعي ميرپورخاص جي يونين ڪائونسل نمبر 29 جواريسر-I ۾ چيئرمين جي سيٽن تي ضمني چونڊون ٿينديون اهڙي طرح ضلعي نوشهروفيروز جي يونين ڪائونسل نمبر 11 سومر چنڙ ۾ وائيس چيئرمين جي سيٽ تي چونڊ ٿيندي، جڏهن ته ضلعي لاڙڪاڻي جي ٽائون ڪميٽي باڊهه جي وارڊ نمبر 18 ۾ جنرل ميمبر، يونين ڪائونسل نمبر 10 لاشاري ۾ ميمبر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسل نمبر 18 رشيد وگڻ ۾ چيئرمين جي سيٽ تي ضمني چونڊون ٿينديون ان حوالي سان صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ سڀني ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن، ريٽرننگ آفيسرن ۽ لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن صوبائي اليڪشن ڪمشنر هدايت ڪئي آهي ته ضمني بلدياتي چونڊن دوران صاف، شفاف ۽ پرامن پولنگ جي انعقاد کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي ۽ سڀ ضروري انتظام مڪمل رکيا وڃن.

بقايا * 06**

هڪ سنگين خطرو آهي. سندس چوڻ هو ته دهشتگردن کي طالبان جي لاجسٽڪ ۽ آپريشنل مدد حاصل آهي ۽ ٽي ٽي پي افغان سرزمين تان پاڪستان ۾ ڪيترائي موتمار حملا ڪيا آهن. گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي سفير سيد حيدر شاهه چيو ته عالمي سطح تي تبديل ٿيندڙ خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي دهشتگرديءَ خلاف نظام ۾ سڌارا آندا وڃن.

بقايا * 07**

خالد مقبول صديقي جي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت بيانن تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي ورهاڱي جو خواب ڏسڻ بند ڪيو وڃي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿيل پريس ڪانفرنس ۾ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب، سکر جي ميئر ارسلان اسلام شيخ، حيدرآباد جي ميئر ڪاشف شورو، لاڙڪاڻي جي ميئر انور لوهر، نوابشاهه جي ميئر قاضي رشيد ڀٽي ۽ ميرپورخاص جي ميئر عبدالرؤف غوري شرڪت ڪئي. ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته نفرت ڪنهن به معاشري لاءِ نقصانڪار آهي، پيپلز پارٽي ماڻهن کي گڏ کڻي هلڻ جي ڳالهه ڪري ٿي، سنڌ جي تاريخ پنج هزار سال پراڻي آهي ۽ ڪراچي جي تاريخ 1947ع کان شروع نٿي ٿئي. هن چيو ته ڪراچي ۾ ماضيءَ ۾ لساني سياست سبب ماڻهن جا دليون ٽوڙيون ويون، وڏي قربانين ڪانپوءِ شهر ۾ امن قائم ٿيو آهي، هاڻي به ڪراچي ۾ 80 ۽ 90 واري ڏهاڪي جهڙيون حالتون پيدا ٿيڻ نه ڏنيون وينديون. مرتضيٰ وهاب چيو ته 1973ع جو آئين صوبن جون حدون تبديل ڪرڻ جو طريقو واضح ڪري ٿو نون صوبن جي قيام لاءِ آئيني طريقيڪار موجود آهي، خالد مقبول صديقي جي موقف جو آئيني بنياد ناهي. سکر جي ميئر ارسلان اسلام شيخ چيو ته خالد مقبول صديقي آرٽيڪل 140 اي جي غلط تشريح ڪئي آهي، جڏهن ته اهو آرٽيڪل مڪاني ادارن کي بااختيار بڻائڻ بابت آهي، نون صوبن جي قيام بابت ناهي. هن چيو ته سنڌ جي ثقافت جو مذاق اڏائڻ تي خالد مقبول صديقي معافي وٺي ۽ پنهنجا لفظ واپس وٺي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جو خواب ڇڏي ڏنو وڃي، سنڌ جي سمورن ميئرن جو گڏيل موقف آهي ته صوبي جي جاگرافيائي وحدت تي ڪو به ڳاهه نه ٿيندو. ارسلان شيخ چيو ته آئيني شق جي غلط تشريح خلاف عدالت سان رجوع ڪرڻ جو به ارادو آهي. حيدرآباد جي ميئر ڪاشف شورو چيو ته سنڌ جا ماڻهو نفرت ۽ لساني سياست وڌيڪ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن، عوام باشعور آهي ۽ هاڻي اهڙي سياست کي قبول نه ڪندو. هن ايم ڪيو ايم کي صلاح ڏني ته بيانن بدران پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکاري. لاڙڪاڻي جي ميئر انور لوهر چيو ته بلاول ڀٽو زرداري رڳو سنڌ نه پر سڄي پاڪستان جي ڳالهه ڪري ٿو جڏهن ته خالد مقبول صديقي جا بيان سنڌ ۽ ڪراچي جي عوام ۾ مايوسي پيدا ڪري رهيا آهن. ميرپورخاص جي ميئر عبدالرؤف غوري چيو ته ميرپورخاص جي عوام چونڊن ۾ ايم ڪيو ايم کي رد ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا * 08**

ويا. پوليس عملدارن موجب واقعو لانڍي جي مظفرآباد ڪالوني ۾ پيش آيو جتي مڙس پنهنجي زال ۽ سندس ڀاءُ کي گوليون هڻي ڪانپوءِ پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو پوليس موجب عورت طلاق کان خلع لاءِ عدالت سان رجوع ڪيو هو ۽ پنهنجي والدين جي گهر ۾ رهندي هئي. عورت جي شادي 15 سال اڳ ٿي هئي ۽ ڪجهه ڏينهن کان هن مڙس کان الڳ رهڻ شروع ڪيو هو پوليس هٿيار قبضي ۾ ورتو آهي ته لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا * 09**

لاءِ اڄ ارڙهين ڏينهن به احتجاج جاري رهيو ان موقعي تي ٽ ايف جي صدر استاد غلام رسول مهر، عوامي آواز سان ڳالهائيندي چيو ته تعليم واري صوبائي وزير اسيمبلي فلور تي اعتراف ڪندي چيو آهي ته اسان سرپرسٽ استادن جو حق آهي ته هو حق کين ڏئي رهيا آهيون. ٻن مهينن تائين ڪاغذي ڪارروائي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو. هن تي سردار حسين شاهه صاحب اسيمبلي فلور تي ويل استادن جي ڪيل ڳالهين کان پريس ڪلب وٽ ويل استادن جي ڪيمپ تي اچي ڪري ۽ سروس اسٽرڪچر جي نوٽيفڪيشن جي تاريخ جو اعلان ڪري ته اسان احتجاج ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ٽ ايف صدر چوڻ هو ته چارٽر آف ڊمانڊ ۾ موجود استادن جا مطالبا ايڏا وڏا ناهن. تعليم وارو وزير يا سيڪريٽري ايجوڪيشن چاهي ته پرائمري استادن جي مسئلن جو حل هڪ ڏينهن ۾ ٿي سگهي ٿو. سروس اسٽرڪچر جي نوٽيفڪيشن جي تاريخ جو اعلان ۽ ٻين مطالبن جي منظوري جو نوٽيفڪيشن ڏنو وڃي ته احتجاجي ڪئمپ ختم ڪئي ويندي.

بقايا * 10**

سان تعلق رکندڙ پيءُ ۽ پٽ قتل ڪيا ويا واقعي خلاف وارثن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ [illegible] مقتولن جا لاش رکي احتجاج ڪيو چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ٻنهي قتل جي واقعي جو نوٽيس وٺندي سخت مذمت ڪئي ۽ وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو هن وڏي وزير سنڌ مراد علي شاهه ۽ لاڳاپيل عملدارن کي واقعي جي شفاف جاچ لاءِ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙڻ جي هدايت ڪئي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدار ڀلي ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن، کين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو پيپلز پارٽي اقليتن جي حقن، جان ۽ مال ۽ مذهبي آزادي جي تحفظ تي يقين رکي ٿي ۽ ڪنهن سان به ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي ٻئي پاسي ايس ايس پي عارف عزيز مطابق واقعي جي مک جوابدار عطاءُ الله ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو آهي، جڏهن ته ايف آءِ آر ۾ نامزد ٻه جوابدار پوليس جي تحويل ۾ آهن ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ کين جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا * 11**

اس ماڻهن جو تناسب لڳ ڀڳ 15 سيڪڙو انٽرميڊيئيٽ مڪمل ڪندڙن جو 8 سيڪڙو ۽ بي اي، بي ايس يا ان کان وڌيڪ ڊگري رکندڙن جي شرح 6 سيڪڙو آهي صوبائي انگن اکرن مطابق سنڌ ۾ گريجوئيٽس جو تناسب 5.5 سيڪڙو آهي، جيڪو پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهي تفصيل مطابق سرڪاري ڪاتن تحت ملڪ ڀر جي ثانوي تعليمي ادارن يعني هاءِ اسڪولن ۾ لڳ ڀڳ 58 لک شاگرد زير تعليم آهن، جڏهن ته مجموعي آبادي ۾ ميٽرڪ پاس ماڻهن جي شرح 15 کان 16 سيڪڙو آهي، جڏهن ته ميٽرڪ جي سطح تي خالص داخلا شرح لڳ ڀڳ 30 سيڪڙو آهي انٽرميڊيئيٽ ڪاليجن ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ زير تعليم شاگردن جو تعداد لڳ ڀڳ 31 لک 70 هزار آهي، جڏهن ته ملڪ جي مجموعي آبادي ۾ انٽرميڊيئيٽ مڪمل ڪندڙ ماڻهن جو تناسب 8 کان 9 سيڪڙو بڻجي ٿو اهڙي طرح ڊگري ڪاليجن ۾ بي اي، بي ايس ۽ ٻين اعليٰ تعليمي پروگرامن ۾ لڳ ڀڳ 9 لک 40 هزار شاگرد زير تعليم آهن، جڏهن ته ملڪ جي يونيورسٽين ۾ مجموعي طور لڳ ڀڳ 20 لک شاگرد رجسٽرڊ آهن قومي سطح تي يونيورسٽي ڊگري رکندڙ ماڻهن جي شرح 6 کان 7 سيڪڙو ٻڌائي وئي آهي صوبائي سطح تي گريجوئيشن جي شرح حوالي سان سنڌ 5.5 سيڪڙو سان پنجاب ۽ خيبرپختونخوا کان اڳتي آهي پنجاب ۾ گريجوئيٽس جو تناسب 4.72 سيڪڙو، خيبرپختونخوا ۾ لڳ ڀڳ 4 سيڪڙو جڏهن ته بلوچستان ۾ 2.5 سيڪڙو ٻڌايو ويو آهي پنجاب ۾ گريجوئيشن ڪندڙ عورتن جو تناسب 5.43 سيڪڙو جڏهن ته مردن جو 4.15 سيڪڙو آهي صوبي ۾ ماسٽرز يا ان کان وڌيڪ تعليم حاصل ڪندڙن جي شرح 2.58 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

بقايا * 12**

ق ناهي ۽ نه ئي ان کي سرڪاري ويڪسينيشن جي اجازت ڏني وئي آهي ڊائريڪٽر اي پي آءِ پروگرام صحت کاتي ڊاڪٽر راج ڪمار مطابق ويڪسي گو جي نالي سان گهر گهر ويڪسينيشن سروسز جو سرڪاري اي پي آءِ سان ڪو تعلق ناهي، جڏهن ته هن نالي سان ڪو ادارو سرڪاري ويڪسينيشن سروس فراهم ڪرڻ جو مجاز به ناهي هن واضح ڪيو ته سرڪاري اي پي آءِ تحت معمول جي ويڪسينيشن جي سهولت عوام کي مفت فراهم ڪئي ويندي آهي ۽ هن سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي فيس وصول نه ڪئي ويندي آهي ڊاڪٽر راج ڪمار مطابق خانگي ادارا معاوضو وٺي ويڪسينيشن جون خدمتون فراهم ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته سندن نمائندن کي سرڪاري اي پي آءِ جو نمائندو ظاهر ٿيڻ جي اجازت ناهي سرڪاري ويڪسين صرف مستحق ماڻهن کي مجاز اي پي آءِ مرڪزن ذريعي فراهم ڪئي ويندي آهي هن وڌيڪ چيو ته سرڪاري ويڪسين جو غير مجاز وڪرو ۽ واپاري استعمال به ناقابل قبول آهي.

بقايا * 13**

جمعي ڏهاڙي ٽي صبح جو ساڍي اٺين وڳي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ سکر جي احاطي ۾ ڪئمپ ڪورٽ لڳائي ويندي، جنهن ۾ سکر ڊويزن جي ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽين، ٽائون ڪميٽين، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسلن سميت مقامي حڪومتن سان لاڳاپيل اپيلون ٻڌيون وينديون ۽ عوام کي ٽريبونل جي ڪم ۽ چونڊ شڪايتن جي ازالي جي طريقيڪار بابت آگاهي ڏني ويندي.

بقايا * 14**

ڪري ورتي آهي. عدالت رجسٽرار آفيس کي ڪيس ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي، جڏهن ته عليمه خان جي نظربندي جا حڪم به چئلينج ڪيا ويا آهن. جسٽس اظهر گل خان عليمه خان جي نظربندي خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عليمه خان جي پٽ شهريز خان ڪيس جي جلد ٻڌڻي لاءِ متفرق درخواست داخل ڪئي هئي، جيڪا عدالت منظور ڪري ورتي. شهريز خان درخواست ۾ پنجاب حڪومت، گهرو کاتي، ڊپٽي ڪمشنر لاهور ۽ ٻين اختيارين کي ڌر بڻائيندي عليمه خان، عظميٰ خان ۽ نورين نيازي جي نظربنديءَ وارن حڪمن کي چئلينج ڪيو هو. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر لاهور غيرقانوني طور نظربندي جا حڪم جاري ڪيا ۽ ٿري ايم پي او تحت مقرر طريقيڪار تي عمل نه ڪيو ويو درخواستگذار موجب عليمه خان جي گرفتاري ڪانپوءِ پوليس ڪيس نمبر 96/23 ۾ عليمه خان ۽ عظميٰ خان کي بيگناهه قرار ڏنو ويو آهي، درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي وئي آهي ته ڊپٽي ڪمشنر جا غيرقانوني نظربندي وارا حڪم ڪالعدم قرار ڏنا وڃن. عظميٰ خان ۽ نورين نيازي اڳ ئي آزاد ٿي چڪيون آهن [illegible]

بقايا * 15**

ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏي، جڏهن ته اقرار الحسن ڏوهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو اقرار الحسن پنهنجي وڪيلن سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو جتي عدالت مٿس لڳايل الزامن بابت فرد جرم پڙهي ٻڌائي، پر هن الزامن کي رد ڪري ڇڏيو عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي پراسيڪيوشن کي شاهد پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ڪيس جي ٻڌڻي 9 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي عدالت ايندڙ پيشي تي حاضري يقيني بڻائڻ جي جوابدار کي هدايت ڪئي. ٻئي طرف اقرار الحسن جي وڪيلن گرفتاري دوران تحويل ۾ ورتل موبائل فون ۽ آءِ پيڊ واپس ڪرڻ لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته اقرار الحسن جي گهرواري جو موبائل فون پڻ تحويل ۾ ورتو ويو هو ۽ فارنزڪ جاچ ڪانپوءِ واپس ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي هئي، پر اڃا تائين ڊوائيسز واپس ناهن ڪيا ويا. عدالت موبائل فون ۽ آءِ پيڊ واپس ڪرڻ واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو، جيڪو سومر ڏينهن ٻڌايو ويندو عدالت موجب ان وقت تائين فارنزڪ رپورٽ به اچي ويندي. واضح رهي ته اقرار الحسن هن ڪيس ۾ ضمانت تي آزاد آهي.

بقايا * 16**

مريڪي ويب سائيٽ کي انٽرويو ڏيندي صدر ٽرمپ چيو ته هو ايران بابت فيصلو ڪرڻ ۾ ڪا به تڪڙ نه ڪندو هن چيو ته ايندڙ سال جي شروعات ڪانپوءِ ڏٺو ويندو ته صورتحال ڪهڙي رخ اختيار ڪري ٿي. ويب سائيٽ موجب صدر ٽرمپ ڪنهن به وقت پنهنجو ذهن تبديل ڪري سگهي ٿو جڏهن ته جيڪڏهن هو حملو ڪرڻ جو ارادو به رکي ٿو ته ان جو اظهار نه ڪندو.

بقايا * 17**

مان علاج ڪرائيندڙ مريض پريشان ٿي ويا آهن. خانگي اسپتالن جي انتظاميا جو چوڻ آهي ته خرچن کان گهٽ رقم تي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ ممڪن ناهي. ڪينسر جي دوائن جي ڊسٽريبيوٽرن موجب هلندڙ سال سيپٽمبر کان 15 کان 20 خانگي اسپتالن صحت ڪارڊ تحت ڪينسر جو مفت علاج بند ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب لائيف انشورنس ڪمپني 25 سيپٽمبر تي نئين ريٽ لسٽ جاري ڪئي، جنهن ۾ خانگي اسپتالن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته نون اگهن موجب دوائون فراهم ڪرڻ تي ٻلن جي ادائيگي ڪئي ويندي، ٻي صورت ۾ بل ڪليئر نه ٿيندا. پنجاب هيلٿ انشيئيٽو مئنيجمينٽ ڪمپني (پي ايڇ آءِ ايم سي) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر علي رزاق جو چوڻ آهي ته صحت ڪارڊ تحت رڳو 20 سيڪڙو خانگي اسپتالن ۾ ڪينسر جو مفت علاج ٿيندو هو جيڪي هاڻي وڌيڪ رقم جو مطالبو ڪري رهيون آهن. هنن سان 10 سيڪڙو منافعي بابت ڳالهيون ڪيون ويون آهن. ڪينسر جي مريضن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته خانگي اسپتالن ۾ صحت ڪارڊ تحت ڪينسر جي علاج جي سهولت ٻيهر بحال ڪئي وڃي، جيئن مريضن جو رڪيل علاج ٻيهر شروع ٿي سگهي.

بقايا * 18**

مان بجلي پيدا ڪرڻ، نوجوانن جي مهارتن ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ توانائي جي متبادل ذريعن کي هٿي وٺرائڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو هو ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ زيبسٽ زيبٽيڪ (ZABTech) پاران گرين اسڪلز نصاب جي شروعات ۽ قومي مڪالمي جي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ زيبٽيڪ ۽ ان جي سموري ٽيم کي مبارڪباد پيش ڪئي. هن چيو ته اڄ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن موجب نوجوانن کي تربيت فراهم ڪئي پئي وڃي. ماڻهن کي سولر پينلز لڳائڻ، اليڪٽرڪ گاڏين ۽ گرين انرجي سان لاڳاپيل مختلف شعبن ۾ عملي تربيت ڏني پئي وڃي، ته جيئن اهي تبديل ٿيندڙ گهرجن مطابق روزگار حاصل ڪري سگهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ٿرڪول منصوبو محترمه بينظير ڀٽو شروع ڪيو هو جڏهن ته مسلم ليگ (ن) جي حڪومت ان منصوبي تي ڪم بند ڪرائي ڇڏيو 2008ع ۾ صدر آصف علي زرداري جي عهدو سنڀالڻ ڪانپوءِ ٻيهر هن منصوبي تي ڪم شروع ڪرايو ٿر جو ڪوئلو وقت سر نه ڪڍڻ به مجرمانه غفلت هئي. سنڌ حڪومت هيٺئر تائين ٿر مان ڪوئلو ڪڍڻ واري منصوبي تي هڪ ارب ڊالر خرچ ڪري چڪي آهي. اڄ ٿر مان پيدا ٿيندڙ بجلي قومي گرڊ ۾ شامل ٿي رهي آهي ۽ ان جو فائدو رڳو سنڌ نه پر سڄي پاڪستان کي پهچي رهيو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ماحول دوست توانائي ۽ ونڊ انرجي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا آهن. ان جي نتيجي ۾ پاڪستان کي ڪاربن ڪريڊٽس جي مد ۾ ادائيگيون به ملي رهيون آهن. سنڌ حڪومت سولر پارڪ قائم ڪري ڇڏيا آهن ته جهمپير ونڊ انرجي منصوبو پڻ متبادل توانائي جو هڪ نمايان مثال آهي. پاڪستان ۾ سڀ کان پهرين سنڌ حڪومت اليڪٽرڪ بسون متعارف ڪرايون ۽ لکين گهرن کي مفت سولر پليٽون، پکا ۽ ٻلب ڏنا ويا. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ٻهراڙي وارن علائقن ۾ 16 کان 20 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي، جيڪا ڪي اليڪٽرڪ، حيسڪو ۽ سيپڪو جي ناڪامي جو نتيجو آهي. ٻئي پاسي بجلي ايتري مهانگي آهي جو عام شهرين لاءِ بجلي جا بل ادا ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. سنڌ حڪومت توانائي جي متبادل ذريعن کي هٿي وٺرائي عوام کي هن صورتحال مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن ۽ هدايتن تحت سنڌ حڪومت 21 لک گهر تعمير ڪري رهي آهي، جن مان 50 سيڪڙو کان وڌيڪ گهرن جي تعمير جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. انهن گهرن جي تعمير سان گڏ هڪ اهم قدم اهو کنيو ويو آهي ته عورتن کي انهن گهرن جي مالڪي جا حق ڏنا ويا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن خاندانن جي عورتن وٽ اڳ پنهنجن گهرن جي مالڪي جا حق نه هئا. سنڌ حڪومت عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ اهو تاريخي قدم کنيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صدر آصف علي زرداري جي ويزن تحت سنڌ حڪومت عورتن کي مفت اسڪوٽيون فراهم ڪري رهي آهي. اهو عورتن کي خودمختيار بڻائڻ ڏانهن هڪ انقلابي قدم آهي. هاڻي ٻهراڙي وارن علائقن جون عورتون پڻ هن سهولت مان فائدو وٺندي اسڪوٽي هلائڻ جي تربيت حاصل ڪري رهيون آهن. هن چيو ته گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ پاڪستان جو نالو شامل ٿيڻ پڻ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن ۽ سنڌ حڪومت جي ڪوشش جو نتيجو آهي. تقريب ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو سميت زندگي جي مختلف شعبن ۽ مختلف مڪتبن فڪر سان تعلق رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب جي پڄاڻي تي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ ماڻهن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون ورهايون.

بقايا * 19**

جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ ٽه رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، جنهن دوران عطا الله تارڙ پنهنجي وڪيل سميت اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ٿيو عطا الله تارڙ جي وڪيل سجل سواتي موقف اختيار ڪيو ته وفاقي وزير گوجرانوالا ۾ ذاتي دعوت تي ويو هو. دوري جو مقصد چونڊ مهم يا ڪا سياسي سرگرمي نه هئي. وڪيل چيو ته هو اليڪشن ڪميشن جو احترام ڪن ٿا ۽ غير مشروط معذرت به پيش ڪن ٿا، جڏهن ته لکت ۾ جواب پڻ جمع ڪرايو ويو آهي. ٻڌڻي ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي عطا الله تارڙ چيو ته ڊسٽرڪٽ بار جي جنرل سيڪريٽري جي دعوت تي گوجرانوالا ويو هو جيڪا دعوت چونڊ شيڊيول کان اڳ ملي هئي ۽ اتي ڪو به اميدوار موجود نه هو. نئين صوبن جي قيام بابت سوال تي هن چيو ته ان معاملي تي سڄي ملڪ ۾ بحث ٿيڻ گهرجي ۽ عوامي راءِ موجب فيصلو ڪيو وڃي. سندس چوڻ هو ته قومي اهميت جي معاملن تي ريفرنڊم ڪرائڻ ۾ ڪو حرج ناهي. عطا الله تارڙ وڌيڪ چيو ته صدر مملڪت ۽ وزيراعظم وچ ۾ ملاقات دوران مختلف معاملن تي ڳالهه ٻولهه ۽ اتفاق راءِ سان اڳتي وڌڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي هئي.

بقايا * 20**

ڊگهي ساحلي پٽي آهي جيڪا غير معمولي اقتصادي ۽ اسٽريٽجڪ اهميت جي حامل آهي ۽ توانائي ۽ واپار جي اهم عالمي رستن سان ڳنڍيل آهي، اسان جون سامونڊي سرحدون توانائي، جهاز راني ۽ ماهيگيري جي شعبن ۾ وسيع موقعا فراهم ڪن ٿيون. فعال ۽ مضبوط بليو اڪانومي جي لاءِ اعتماد جوڳي سائنسي معلومات، ماهر افرادي قوت ۽ ماحولياتي تحفظ جا قدم اهم آهن. اسٽريٽجڪ اهميت جا منصوبا ادارتي رابطا نه هجڻ يا غير ضروري دير جو شڪار نه ٿيندا، وقت اچي ويو آهي ته اسان جي اسٽريٽجڪ هم آهنگي سان گڏ انهيءَ سطح جي هڪ پرعزم اقتصادي ڀائيواري پڻ قائم ٿئي. هُن اهڙن خيالن جو اظهار جمعي ڏينهن ترڪيه جي زلزلي جي تحقيقي جهاز "اورچ رئيس" جي آمد جي موقعي تي منعقد ڪيل آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. تقريب ۾ سنڌ جي گورنر نهال هاشمي، پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، ترڪيه جي توانائي واري وزير الپر سلان بيرڪتار ۽ ٻين شرڪت ڪئي. آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي اسحاق ڊار چيو ته ترڪيه جي زلزلي جي تحقيقي جهاز "اورچ رئيس" جي پاڪستان آمد جي موقعي تي سڀني سان گڏجي ان جي آجيان ڪرڻ منهنجي لاءِ خوشي جي ڳالهه آهي. هن تاريخي بندرگاهه تي اسان پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ پراڻي دوستي جي بنياد تي سائنسي تحقيق ۽ اسٽريٽجڪ تعاون جي هڪ نئين باب جي شروعات ڪري رهيا آهيون. وزيراعظم محمد شهباز شريف، پاڪستان جي حڪومت ۽ پاڪستاني عوام جي طرفان آئون ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان ۽ منهنجي ڀاءُ ترڪيه جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان جو پاڪستان ۽ ترڪيه جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ سندن ذاتي دلچسپي ۽ عزم تي دل جي گهراين سان ٿورا ادا ڪريان ٿو. [illegible] ترڪ عوام جا پڻ ٿورا ادا ڪريان ٿو جو هنن ترقي جي سفر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان جو ساٿ ڏنو آهي. نائب وزيراعظم چيو ته آئون ترڪ پيٽروليم جي قيادت ۽ ماهرن، جهاز اوروچ رئيس جي ڪئپٽن، عملي ۽ زلزلي جي تحقيقاتي ٽيم کي ڀليڪار چوان ٿو ته پاڪستان توهان جو پنهنجي اعتماد جوڳي دوستن جي لاءِ مخصوص محبت، احترام ۽ گرمجوشي سان استقبال ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ دوستي جو رشتو پاڪستان ٺهڻ کان به اڳ جو آهي. جنهن جون پاڙون ننڍي کنڊ جي مسلمانن پاران ترڪ عوام سان انهن جي تاريخ جي اهم وقتن ۾ يڪجهتي جي اظهار سان جڙيل آهن. ان وقت کان وٺي اسان جا عوام آزمائشن ۽ ڪاميابين جي هر دور ۾ هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل رهيا آهن. پنهنجي گڏيل ماضي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته ان جذبي کي پنهنجي عوام لاءِ موقعن ۾ تبديل ڪيو وڃي [illegible] سفر جي شروعات علم ۽ معلومات سان ٿئي ٿي. هن جهاز جي وسيلي حاصل ڪيل انگ اکر سمنڊ جي تري ۾ موجود جيولوجيڪل ڍانچي بابت اسان جي ڄاڻ کي وڌيڪ بهتر بڻائيندا ۽ پاڪستان جي مستقبل جي توانائي جي فيصلن جي لاءِ هڪ مضبوط بنياد فراهم ڪري سگهن ٿا. [illegible]

بقايا * 21**

کي حوثي مليشيا پاران نشانو بڻائڻ جي سخت مذمت ڪئي آهي. پرڏيهي آفيس موجب رياض ۾ ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ جي ٽاور کي نشانو بڻائڻ سعودي عرب جي خودمختياريءَ جي سنگين ڀڃڪڙي آهي. شهري تنصيبات ۽ معاشي مرڪزن کي نشانو بڻائڻ سان بيگناهه انساني جانين کي خطرو پيدا ٿئي ٿو پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته اهڙو مذموم حملو علائقائي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ سنگين خطرو آهي. پاڪستان حوثي مليشيا کان مطالبو ڪري ٿو ته اهي حملا فوري طور بند ڪيا وڃن. بيان ۾ چيو ويو ته پاڪستان سعودي عرب جي حڪومت ۽ عوام سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ ملڪ جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع واري حق جي حمايت ڪري ٿو. [illegible] سعودي پرڏيهي وزارت پنهنجي بيان ۾ چيو ته سعودي عرب کي ملڪ جي خودمختياريءَ جي دفاع، قومي اثاثن جي تحفظ ۽ سڄي ملڪ ۾ شهرين توڙي رهواسين جي سلامتي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کڻڻ جو مڪمل ۽ جائز حق حاصل آهي. سعودي عرب واضح ڪيو ته عالمي قانون موجب سعودي سرزمين يا قومي اثاثن کي نشانو بڻائيندڙ ڪو به حملو برداشت نه ڪيو ويندو سعودي عرب عالمي برادري ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي مستقل ميمبرن کان مطالبو ڪيو آهي ته هو پنهنجون ذميواريون پوريون ڪن. سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن تي عمل ڪرائين ۽ سعودي عرب خلاف حوثي مليشيا جي حملن جي مذمت ڪن. بيان ۾ حوثي مليشيا سبب علائقائي ۽ عالمي سلامتيءَ کي لاحق خطرن جي مذمت ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو ويو آهي.

بقايا * 22**

. ڪاروباري هفتي جي پنجين ۽ آخري ڏينهن واپار شروع ٿيندي ئي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ تيزي ڏسڻ ۾ آئي، جنهن سبب 100 انڊيڪس 300 کان وڌيڪ پوائنٽس وڌي هڪ لک 77 هزار 139 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو ياد رهي ته گذريل ڏينهن ڪاروبار جي پڄاڻيءَ تي به اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ هاڪاري لاڙو برقرار رهيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ 100 انڊيڪس 477 پوائنٽس جي واڌ سان هڪ لک 76 هزار 772 پوائنٽس تي بند ٿيو هو.

بقايا * 23**

ملڪ جا مجموعي سيال پرڏيهي مٽاسٽا ذخيرا 6 ڪروڙ 40 لک ڊالر گهٽجي 26 ارب 77 ڪروڙ ڊالر رهجي ويا. تازن انگن اکرن موجب جائزي هيٺ آيل هفتي دوران ڪمرشل بئنڪن وٽ موجود خالص پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا 5 ارب 18 ڪروڙ ڊالر رڪارڊ ڪيا ويا. مرڪزي بئنڪ چيو ته 13 نومبر 2026ع تي ختم ٿيندڙ هفتي دوران اسٽيٽ بئنڪ جا ذخيرا 15 ملين ڊالر وڌي 21 هزار 587 ملين آمريڪي ڊالر ٿي ويا. ان کان اڳ 6 نومبر 2026ع تي ختم ٿيندڙ هفتي دوران اسٽيٽ بئنڪ وٽ موجود پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا 11 ملين ڊالر وڌي 21 ارب 57 ڪروڙ ڊالر ٿيا هئا.

بقايا * 24**

مقابلي ۾ مارجي ويا. ڪيپيٽل سٽي پوليس آفيسر پشاور ميان سعيد موجب ڏوهاري عنصرن خلاف "آپريشن اسٽريٽ فائٽ" شروع ڪيو ويو آهي. ميان سعيد ٻڌايو ته آپريشن پشاور جي علائقن قنڊي، فقيرآباد، پهاري پوره ۽ پشتخره ۾ ڪيو ويو هو ۽ چيو ته آپريشن اسٽريٽ فائٽ جي پهرين ڏينهن پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ۽ زخمي ٿيل جوابدار انتهائي گهربل ۽ خطرناڪ موبائل فون ڦريندڙ هئا. ميان سعيد موجب مقابلي دوران هڪ پوليس اهلڪار جي بلٽ پروف جيڪيٽ ۽ سرڪاري گاڏي تي گوليون لڳڻ سبب نقصان پهتو هن ٻڌايو ته جوابدار ڦرلٽ، مزاحمت ڪرڻ تي فائرنگ ۽ پوليس تي حملن جي واقعن ۾ ملوث هئا. سي سي پي او پشاور موجب مارجي ويل جوابدارن وٽان هٿيار ۽ ڦريل موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. پوليس موجب مقابلي دوران هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو، جنهن کان پڇا ڳاڇا جاري آهي.

بقايا * 25**

هڪ محفوظ معاشري جو بنياد آهي ۽ ٻار قوم جو روشن مستقبل آهن. وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل بيان موجب سيد مراد علي شاهه چيو ته هن سال ٻارن جي عالمي ڏينهن جو موضوع "منهنجو ڏينهن، منهنجا حق، منهنجو مستقبل" آهي جيڪو ٻارن جي حقن، تحفظ، آواز ۽ سندن بهتر مستقبل جي عزم کي اجاگر ڪري ٿو هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ٻارن جي تعليم، صحت ۽ بهتر تربيت صوبائي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. [illegible] سنڌ حڪومت چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي ذريعي ٻارن جي تحفظ کي يقيني بڻائي رهي آهي، جڏهن ته ٻارن تي تشدد جي روڪٿام لاءِ سنڌ حڪومت ۽ يونيسيف (UNICEF) جون گڏيل ڪوششون پڻ جاري آهن. هن وڌيڪ چيو ته صوبي ۾ ٻارن جي مفت ۽ لازمي تعليم جي قانون تي عملدرآمد جاري آهي ۽ حڪومت ٻارن کان جبري پورهئي جي خاتمي ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ ڀرپور نموني ڪوششون ڪري رهي آهي. صحت جي حوالي سان ڳالهائيندي مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته پوليو مهمن ۾ هر ٻار جي ويڪسينيشن يقيني بڻائڻ لاءِ مضبوط قدم کنيا پيا وڃن. ان کان علاوه سنڌ حڪومت خاص ٻارن جي تعليم، بحالي ۽ کين بااختيار بڻائڻ لاءِ پڻ مسلسل ڪم ڪري رهي آهي. پنهنجي پيغام جي پڄاڻي تي وڏي وزير سنڌ سمورن شهرين کي اپيل ڪئي ته اهي ٻارن جي حقن جو احترام ڪن ۽ سندن تحفظ کي هر صورت يقيني بڻائين.

بقايا * 26**

ڪوريا جي سفير هان سنگ هو ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻطرفن لاڳاپن، واپار، سيڙپڪاري ۽ اقتصادي سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ ڏکڻ ڪوريا جي قونصلر ۽ ڊپٽي هيڊ آف مشن يون يونگ سونگ، ريسرچر آهن هائي سن ۽ سيڪريٽري ٽو سي ايم آصف جميل پڻ شريڪ هئا. وزيراعليٰ هائوس پهچڻ تي سيد مراد علي شاهه ڪورين وفد جي آجيان ڪندي چيو ته پاڪستان ۽ ڏکڻ ڪوريا جي وچ ۾ دوستاڻا لاڳاپا گڏيل اعتماد ۽ گڏيل مفادن تي ٻڌل آهن ۽ سنڌ حڪومت انهن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهشمند آهي. ملاقات دوران وڏي وزير سنڌ ڪورين ڪمپنين کي صوبي جي صنعتي ۽ ترقياتي منصوبن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي دعوت ڏني. هن چيو ته سنڌ ۾ واپار، صنعت ۽ جديد ٽيڪنالاجي سميت آٽوموبائيل، اليڪٽرانڪس ۽ واٽر ٽريٽمينٽ جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع امڪان موجود آهن. سيد مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ جو ٻيو پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) منصوبو يعني حيدرآباد-ميرپورخاص روڊ پڻ ڪورين ڪمپني جي سهڪار سان مڪمل ٿيو جيڪو عالمي سيڙپڪاري جو هڪ اهم مثال آهي. وڏي وزير سنڌ جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪورين ٽيڪنالاجي ۽ صنعتي مهارت سان سنڌ جي مينيوفيڪچرنگ سيڪٽر جي ترقي، صنعتي پيداوار، برآمدات ۽ روزگار جي موقعن ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو. هن يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت پرڏيهي سيڙپڪارن سان ڊگهي مدي واري ڀائيواري ڪرڻ جي خواهشمند آهي ۽ کين هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. [illegible] جڏهن ته ٻنهي ڌرين [illegible] جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا * 27**

ڏوهه کان انڪار ڪندي الزام رد ڪري ڇڏيا اقرار الحسن پنهنجي وڪيلن سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو جتي فرد جرم لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي پراسيڪيوشن کي شاهد پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت جوابدار کي ايندڙ ٻڌڻي تي حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 9 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي ٻئي پاسي اقرار الحسن جي وڪيلن گرفتاري دوران تحويل ۾ ورتل موبائل فون ۽ آءِ پيڊ جي واپسي لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته جوابدار جي زال جو موبائل فون به تحويل ۾ ورتو ويو هو ۽ فارنزڪ تجزيي ڪانپوءِ سڀ ڊوائيسز واپس ڪرڻ جي يقين دهاني ڪرائي وئي هئي، جڏهن ته هيل تائين کين واپس نه ڪيو ويو آهي جوابدار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته موبائل فونز ۽ آءِ پيڊ جي واپسي ۾ دير ڪئي پئي وڃي عدالت درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو، جيڪو سومر تي ٻڌايو ويندو عدالت ريمارڪس ڏنا ته سومر تائين فارنزڪ رپورٽ به ملي ويندي واضح رهي ته اقرار الحسن هن ڪيس ۾ ضمانت تي آهي.

بقايا * 28**

سرگرمين سبب ڪنهن به ممڪن اٿندڙ صورتحال کان بچڻ لاءِ سڀني سياسي جماعتن سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ طئي ڪيو ويو ته صوبن حوالي سان جلسا جلوسن جا پروگرام رکندڙ سياسي جماعتن جي سربراهن سان رابطو ڪري کين جلسا جلوس منعقد نه ڪرڻ جي اپيل ڪئي ويندي ان سلسلي ۾ ڪميٽي جي سربراهه نثار احمد کهڙو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ خالد مقبول صديقي، ڊاڪٽر قادر مگسي، رياض چانڊيو ۽ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو ۽ هنن سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ڳالهه ٻولهه دوران نثار احمد کهڙو سياسي اڳواڻن کي چيو ته پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته سنڌ ۾ امن امان برقرار رهي.

بقايا * 29**

ايندو هڪ بيان ۾ طارق فضل چوڌري چيو ته ريفرنڊم جو مقصد ڪنهن معاملي تي سڌيءَ ريت عوام جي راءِ معلوم ڪرڻ هوندو آهي. هن چيو ته ريفرنڊم آئين ۾ موجود آئيني ۽ سياسي آپشن آهي. ڪنهن تڪراري معاملي تي عوام کان سڌو پڇي سگهجي ٿو ته هو ڇا ٿو چاهي، جڏهن ته ڪنهن اڳواڻ جي بيان سان آئين ۾ ڏنل ريفرنڊم جو آپشن غير آئيني نٿو ٿي وڃي. وفاقي وزير چيو ته عوامي راءِ سامهون اچڻ ڪانپوءِ ان تي عملدرآمد جو طريقيڪار طئي ڪري سگهجي ٿو وقت کان اڳ چونڊون ڪرائڻ جو ڪو به سبب ناهي، موجوده حڪومت پنهنجو آئيني مدو پورو ڪندي ۽ چونڊون مقرر وقت تي ضرور ٿينديون. هن وڌيڪ چيو ته چونڊون ريفرنڊم جو متبادل ناهن، ٻنهي جا مقصد الڳ آهن. چونڊن کي شفاف بڻائڻ لاءِ چونڊ سڌارن واري ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي.

بقايا * 30**

جي ڪا به آئيني حيثيت ناهي، ملڪ جو لکيل آئين موجود آهي، جنهن تي ڪنهن کي به اختلاف ناهي، ريفرنڊم ذريعي آئين ۾ نئين خرابي پيدا ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام جي نمائندگي ڪري رهي آهي، ان کي ڪنهن به قسم جو دٻاءُ يا پريشاني ناهي ۽ جيڪڏهن دٻاءُ آيو ته اهو به برداشت ڪيو ويندو بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جي عوام جون ڏکيائون ختم ڪرڻ ۽ ملڪ کي موجوده مسئلن، معاشي بحران ۽ ڏکيائن مان ڪڍڻ لاءِ سڀني کي گڏجي ويهڻ جو سڏ ڏنو آهي. گڏيل ڏينهن سنڌ اسيمبليءَ ٻاهران ميڊيا ڪارنر تي صحافين سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته پيپلز پارٽي 18 سالن کان حڪومت ڪري رهي آهي، پر ماضيءَ ۾ به پارٽيءَ جو ڪو فارورڊ بلاڪ نه ٺهيو ۽ نه ئي مستقبل ۾ ٺهندو. سسٽم کي ري سيٽ ڪرڻ، نظام جي خاتمي يا نوان صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه پيپلز پارٽي شروع نه ڪئي هئي [illegible] هن چيو ته پيپلز پارٽي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي جمهوري ۽ سياسي حق جو استعمال ڪندي ان معاملي تي تفصيل سان ڳالهه ڪئي، مسئلن جا سبب بيان ڪيا ۽ ملڪ کي درپيش بحران مان ڪيئن نڪرڻ جو حل پيش ڪيو [illegible] سعيد غني چيو ته کيس خاص طور انهن اڳواڻن تي حيرت ٿئي ٿي، جن جو تعلق سنڌ سان ناهي، پر اهي سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا.

بقايا * 31**

فائرنگ جي نتيجي ۾ عورت سميت ٽي ماڻهو فوت ٿي ويا پوليس مطابق مڙس فائرنگ ڪري پنهنجي زال ۽ سالي کي قتل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ کي به گولي هڻي خودڪشي ڪري ورتي ترجمان ضلعي ملير پوليس مطابق واقعو جمعي جي صبح لڳ ڀڳ 9 وڳي ڌاري قائد آباد جي حدن ۾ گلزار مدينه مسجد ويجهو پيش آيو جتي شروعاتي اطلاعن مطابق ناصر احمد ولد مقبول احمد فائرنگ ڪري پنهنجي سالي محمد احسن ولد محمد عارف ۽ زال اسماءِ زوجه ناصر احمد کي قتل ڪري ڇڏيو. بعد ۾ جوابدار پاڻ کي به گولي هڻي خودڪشي ڪري ورتي ترجمان مطابق واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي وئي، جڏهن ته ڪرائم سين يونٽ کي به طلب ڪيو ويو لاشن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس عملدارن مطابق ناصر احمد ۽ سندس زال اسماءِ جي شادي لڳ ڀڳ 15 سال اڳ ٿي هئي ۽ ٻنهي وچ ۾ ڪجهه عرصي کان اڻبڻت هلي رهي هئي [illegible] مڙس صبح جو پنهنجي سسرال پهتو ۽ فائرنگ ڪري ڇڏي.

بقايا * 32**

اڻ ڪارروائي ڪندي آمريڪي خفيا ادارن سميت مختلف ملڪن جي حساس سرڪاري ڊيٽا جي چوري ۽ وڪرو ۾ مبينا طور ملوث پاڪستاني نوجوان کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار کي منظور ڪالوني ويجهو سخت نگراني ڪانپوءِ حراست ۾ ورتو ويو تفصيل مطابق لاڳاپيل بين الاقوامي ايجنسي 2023 کان جوابدار جي سرگرمين تي نظر رکي رهي هئي جوابدار مبينا طور مختلف ملڪن جي انٽيليجنس اهلڪارن جي اصل سڃاڻپ، خفيا نالن ۽ حساس معلومات تائين غيرقانوني رسائي حاصل ڪري ڊارڪ ويب ذريعي وڪرو ڪندو هو اين سي سي آءِ اي عملدارن مطابق گرفتار جوابدار ٽيلي گرام تي "گوٿم" جي نالي سان اڪائونٽ هلائي رهيو هو جڏهن ته آن لائن دنيا ۾ هو "ڊي پي بروس" جي نالي سان به سرگرم هو جوابدار ڊارڪ ويب تان حاصل ڪيل حساس معلومات مختلف ذريعن کي وڪرو ڪري مالي فائدو حاصل ڪندو هو اين سي سي آءِ اي ڪراچي زون جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر شهزاد اڪبر ٻڌايو ته شروعاتي جاچ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته جوابدار آمريڪي ادارن جو حساس ڊيٽا غير قانوني طور حاصل ڪرڻ

بقايا * 33**

آءِ ٽي) مشڪوڪ ماڻهن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ ۽ بئنڪ اڪائونٽس جي جاچ پڙتال جي اجازت لاءِ جوڊيشل مئجسٽريٽ اوير جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي عدالت درخواست تي لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا ذريعن مطابق جي آءِ ٽي احمد پاردي، عبدالله پاردي ۽ مير رضا سان لاڳاپيل رهندڙ ٻين ماڻهن جي بئنڪ اڪائونٽس جي جاچ ڪرڻ چاهي ٿي درخواست ۾ عدالت کي استدعا ڪئي وئي آهي ته لاڳاپيل ادارن ۽ بئنڪن کي جاچ ۾ سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وڃي ته جيئن مشڪوڪ ماڻهن جي مالي معاملن جو جائزو وٺي سگهجي درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته جاچ مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس جو چالان عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو ويندو واضح رهي ته ڪراچي جي نوجوان واپاري مير رضا جو لاش هلندڙ سال 29 جولاءِ تي گلستان جوهر مان مليو هو جنهن ڪانپوءِ قتل جي واقعي جي جاچ جاري آهي.

بقايا * 34**

ن پهچي ويون، جڏهن ته شروعاتي طور باهه لڳڻ جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو فائر آفيسر احسن موجب باهه دڪان ۾ لڳي، جيڪا عمارت جي پهرين ماڙ کان ٿيندي ڇت تائين پهچي وئي. هن ٻڌايو ته ڪاٺ جي گودام ۾ لڳل باهه کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪيو ويو آهي.

بقايا * 35**

هرين چيو ته پاڪستان ۾ اڄ به ڪيترن ئي علائقن جا عوام تعليم، صحت ۽ روزگار جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم آهن، جڏهن ته وڌندڙ آبادي ۽ مسئلن سبب موجوده انتظامي ڍانچي تحت اثرائتو حڪومتي نظام هلائڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي عوامي حلقن مطابق ملڪ کي نئين انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ سان ڏورانهن علائقن کي ترقي جا هڪجهڙا موقعا ملي سگهن ٿا ۽ مقامي مسئلا حڪومتي سطح تي بهتر انداز ۾ اجاگر ٿي سگهن.

بقايا * 36**

جنهن جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيو سنڌ جي وڏي وزير چيو ته حڪومت زرعي پيداوار کي بهتر بڻائڻ، آبادگارن جي آمدني جي تحفظ ۽ صوبائي معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پوکائي ۽ خريداري جي اهم مرحلن تي آبادگارن کي مدد فراهم ڪري رهي آهي. [illegible] گهرن جي نئين سر تعمير سان گڏوگڏ، حڪومت آبادگارن کي ٻيهر پوکائي شروع ڪرڻ ۽ پنهنجو روزگار بحال ڪرڻ ۾ مدد لاءِ ڪڻڪ سپورٽ پروگرام متعارف ڪرايو هو [illegible] ڪڻڪ جي درآمد مقامي طور تي پيدا ٿيندڙ ڪڻڪ جي مارڪيٽ قيمت کي بري طرح متاثر ڪيو هو جنهن جي نتيجي ۾ ايندڙ فصل ۾ ڪڻڪ جي پيداوار ۾ تقريبن ڏهه لک ٽن جي گهٽتائي آئي هن چيو ته حڪومت ان تجربي مان سکيو آهي [illegible] حڪومت هدف تي ٻڌل ۽ شفاف امداد کي يقيني بڻائڻ لاءِ بينظير هاري ڪارڊ ذريعي گڏ ڪيل ڊيٽا جو استعمال ڪري رهي آهي.

بقايا * 37**

جي متبادل ذريعن کي هٿي وٺرائڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو هو ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ زيبسٽ زيبٽيڪ (ZABTech) پاران گرين اسڪلز نصاب جي شروعات ۽ قومي مڪالمي جي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ زيبٽيڪ ۽ ان جي سموري ٽيم کي مبارڪباد پيش ڪئي. هن چيو ته اڄ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن موجب نوجوانن کي تربيت فراهم ڪئي پئي وڃي [illegible] هن چيو ته ٻهراڙي وارن علائقن ۾ 16 کان 20 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي، جيڪا ڪي اليڪٽرڪ، حيسڪو ۽ سيپڪو جي ناڪامي جو نتيجو آهي [illegible] هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن ۽ هدايتن تحت سنڌ حڪومت 21 لک گهر تعمير ڪري رهي آهي، جن مان 50 سيڪڙو کان وڌيڪ گهرن جي تعمير جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي [illegible] تقريب ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو سميت زندگي جي مختلف شعبن ۽ مختلف مڪتبن فڪر سان تعلق رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب جي پڄاڻي تي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ ماڻهن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون ورهايون.

بقايا عوامي سوچ 01

ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ لمس يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽو ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين توڙي يونيورسٽي انتظاميا کي درپيش پاڻي جي فراهمي سميت ٻين بنيادي مسئلن جي حل بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ۾ لمس يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر اڪرام الدين اُڄڻ، پرنسپال لمس يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽو ڊاڪٽر غلام سرور قريشي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر صفدر علي شاهه، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر حسن نثار مهر، آبپاشي کاتي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران لمس يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽو کي پاڻي جي فراهمي سميت ٻين بنيادي سهولتن ۽ انتظامي مسئلن بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو، جڏهن ته انهن مسئلن جي حل لاءِ مختلف تجويزن تي پڻ غور ويچار ڪيو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته يونيورسٽي ڪيمپس ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ تُرت ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن، جڏهن ته سمورا لاڳاپيل کاتا پاڻ ۾ رابطي ۽ سهڪار ذريعي مسئلن جو مستقل حل يقيني بڻائين. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته لمس يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽو ضلعي جو هڪ اهم تعليمي ادارو آهي، جتي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي بهتر تعليمي ماحول ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي ضلعي انتظاميا جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي. هن وڌيڪ چيو ته تعليمي ادارن کي درپيش مسئلن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته بهتر تعليمي ماحول ۽ بنيادي سهولتن جي موجودگي نوجوان نسل جي روشن مستقبل لاءِ انتهائي ضروري آهي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ ان سلسلي ۾ اڳڀرائي کي يقيني بڻايو وڃي، ته جيئن يونيورسٽي انتظاميا، استادن ۽ شاگردن کي درپيش مشڪلاتن جو ازالو ٿي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 02

جي انهن آفيسرن مان هڪ آهي، جيڪو صبح 9 وڳي کان شام 7 وڳي تائين آفيس ۾ موجود رهي عوام جا مسئلا ٻڌڻ ۽ ضلعي جي مختلف علائقن مان ايندڙ ماڻهن کي سندن سرڪاري ڪمن بابت پاڻ رهنمائي ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. سندس خلاف سوشل ميڊيا تي هلندڙ تنقيد بابت عوامي حلقن جو چوڻ آهي ته سندس اصل ڏوهه اهو آهي ته هن ڪينجهر ڍنڍ ڀرسان 400 ايڪڙ زمين بابت مبينا جعلي آرڊرن ۽ رپورٽن جي بنياد تي ٿيل ڪارروائين کي رد ڪيو، جڏهن ته گهوڙاٻاري، ٺٽي ۽ ڪيٽي بندر ۾ پڻ سوين ايڪڙ زمينن بابت مبينا جعلي رپورٽن جي بنياد تي جاري ٿيل آرڊر ڪينسل ڪري معاملا وڌيڪ جاچ لاءِ ڪمشنر ۽ اينٽي ڪرپشن ڏانهن موڪليا. انهن قدمن ڪانپوءِ مبينا طور بااثر پوتارن، بروڪرن ۽ سندن سهولتڪارن ۾ ناراضگي پيدا ٿي آهي، جنهن سبب مختيارڪار خلاف سوشل ميڊيا تي واويلا ڪئي پئي وڃي. عوامي حلقن ۽ سماجي ڌرين سوشل ميڊيا تي تنقيد ڪندڙن کي اپيل ڪئي آهي ته جيڪڏهن خادم حسين راڄڙ خلاف ڪنهن به قسم جي ڪرپشن، بدعنواني يا غيرقانوني عمل جا ثبوت موجود آهن ته اهي ڪينجهر يا ڪيٽي بندر جي زمينن بابت جعلي کاتن، مبينا طور ورتل ڪروڙين رپين يا ڪنهن ٻئي غيرقانوني عمل جا مستند ثبوت ميڊيا آڏو آڻين، جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن. هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڪنهن آفيسر خلاف شڪايت آهي ته قانوني طريقي سان جاچ ڪرائي وڃي، پر جيڪڏهن ڪنهن آفيسر کي زمينن بابت مبينا غيرقانوني آرڊر رد ڪرڻ ۽ عوامي ڪم ڪرڻ جي سزا طور بدنام ڪيو پيو وڃي ته اهڙي عمل جي حوصلا شڪني ٿيڻ گهرجي. عوامي حلقن جو چوڻ آهي ته اسان وٽ هاڻي افسوسناڪ صورتحال اها بڻجي وئي آهي ته نه پاڻ ڪم ڪرڻو آهي ۽ نه ئي ڪنهن ايماندار آفيسر کي ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي ٿو. انتظامي آفيسرن کي بنا دٻاءَ جي قانون موجب ڪم ڪرڻ جو موقعو ملڻ گهرجي.

بقايا عوامي سوچ 03

چيو آهي ته چيلهار واقعي جا سمورا جوابدارن جي گرفتاري ۽ وارثن پاران ڌرڻو ختم ڪرڻ هڪ اهم اڳڀرائي آهي، پر اصل مقصد مقتولن جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرائڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته انشاءالله هاڻي وارثن سان گڏجي عدليه ۾ قانوني جنگ وڙهي ويندي ۽ ڪيس جي پيروي ڪندي جوابدارن کي قانون موجب سزا ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي، جيئن متاثر خاندانن کي انصاف ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 04

عد وارثن پاران لاش رکي لڳل ڌرڻو ختم ڪيو ويو آهي. ۽ لاش اباڻي ڳوٺ آڪاٽي آندا ويا. پيءُ ۽ ڳيرو نوجوان جا لاش گهر پهچڻ تي قهرام متل آهي. چيلهار شهر پورو سوڳوار آهي. هزارين ماڻهن جي موجودگي ۾ ٻنهي پيءُ ۽ پٽ جي لاشن کي آخري رسمون ادا ڪرڻ ڪانپوءِ، آهن دانهن ۽ سڏڪن سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 05

رڊر ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي: مظفر جوکيو تفصيل موجب سنڌ پوليس ڪانسٽيبل ويٽنگ اميدوار ايڪشن ڪميٽي طرفان سکر پريس ڪلب کان ڪراچي وزيراعلي هائوس ڏانهن ويندڙ پيادل مارچ پندرهن ڏينهن بعد سونڊا پهتو جتي ايوان صحافت پريس ڪلب جي ٽيم پاران سونڊا ۾ سندن استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي پوليس ڪانسٽيبل ويٽنگ اميدوار ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر مظفر جوکيو، محسن چنا، جاويد لاشاري، غلام جيلاني جلباڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 2024 ۾ سنڌ پوليس ۾ سپاهي جي ڀرتي لاءِ فزيڪل ٽيسٽ، رٽن ٽيسٽ، انٽرويو، ويريفڪيشن، سي آر او سميت سڀ مرحلا ميرٽ تي پاس ڪيا آهن مگر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪنهن به اسان جو نوٽيس ناهي ورتو جڏهن ته هن وقت سنڌ پوليس ۾ 10 هزار کان وڌيڪ جايون خالي پيل آهن تنهن باوجود ڀرتي نٿو ڪيو وڃي هنن چيو آئي جي سنڌ ورتو هنن چيو ته اسان جي ڪافي پاس ٿيل ويٽنگ اميدوارن جي عمر انتظار ڪندي ڪندي پوري ٿي چڪي آهي اهي ٻيهر ڪٿي اپلائي به نٿا ڪري سگهن هنن چيو ته سکر رينج جي اميدوارن کان ٻيهر انٽرويو وٺڻ بعد انهن جي ويٽنگ لسٽ جاري ناهي ڪئي وئي ۽ بدين ضلعي جي پڻ ويٽنگ لسٽ ظاهر ناهي ڪئي وئي جيڪا پڻ جلد جاري ڪئي وڃي انهي سان گڏوگڏ ڪراچي رينج جي به ڪجھ ضلعن جي ويٽنگ لسٽ اڃا تائين ظاهر ناهي ڪئي وئي هنن وڌيڪ چيو ته آئي جي سنڌ جاويد عالم اوڍو مختلف پروگرامن ۾ چئي چڪو آهي ته اسان 15 هزار خالي جاين تي ڪانسٽيبل ڀرتي ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي تجويز ڏئي ڇڏي آهي ۽ ڪڏهن وري چئي ٿو 60 هزار نوجوان ڀرتي ڪنداسين جيڪڏهن هنن وٽ ايترين سيٽون خالي موجود آهن ته پوءِ اسان کي ٻن سالن کان وٺي رولڻ تي دربدر ڇو ٿو ڪيو وڃي هنن وزير اعلي سنڌ، صوبائي گهرو وزير، آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پوليس ڪانسٽيبل ويٽنگ اميدوارن کي جلد کان جلد آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن ٻي صورت وزير اعلي هائوس پهچي سخت احتجاج ڪيو ويندو..

بقايا عوامي سوچ 06

رپٽ عملدارن جي ڳٺ جوڙ سان سرڪاري توڙي غير سرڪاري زمينن تي ڪوڙيون چوڪڙي سروي ڪرائي، انهن کي انڊسٽريل زمينون ظاهر ڪري وڪرو ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو پيو وڃي. هن چيو ته اڳ ۾ نوري آباد فيز ٽو جي نالي سان زمينن تي والارجو سلسلو شروع ڪيو ويو، جڏهن ته هاڻي وري نوري آباد فيز ٽري ۽ مختلف نالن سان مبينا قبضن جو سلسلو جاري آهي. چيو ته تعجب جي ڳالهه اها آهي ته نوري آباد فيز ون به چاليهن سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود مڪمل طور آباد ۽ ترقي يافته نه ٿي سگهيو آهي، پر ان جي باوجود نون نالن سان زمينن جي والار ۽ وڪرو جو سلسلو جاري آهي. نوري آباد ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ رهندڙ مقامي ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي. علائقي ۾ ماحولياتي آلودگي خطرناڪ حد تائين وڌي وئي آهي، برساتي نالا گندي ۽ ڪيميائي مادن سان آلوده پاڻي سان ڀرجي ويا آهن، جڏهن ته زمين هيٺان ملندڙ پيئڻ جو پاڻي به زهر بڻجي چڪو آهي. هن گهر ڪئي ته ڪوهستان واسين کي سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪري ساڻن ٿيندڙ ناانصافين جو ازالو ڪرايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 07

ڇهري دوران شهرين منشيات،چورين، امن امان سميت مختلف مسئلا ۽ شڪايتون ايس ايس پي بدين آڏو پيش ڪيون، جن جي حل جي خاطري ڪرائي وئي، ان موقعي تي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي چيو ته بدين پوليس منشيات سميت ٻين ڏوهن جي خاتمي ۽ امن امان جي قيام لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي. هلندڙ سال گذريل سال جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته هلندڙ سال شراب، چرس ۽ آئس جي ڪيسن ۾ 1106 جوابدارن جڏهن ته گٽڪي ۽ سفيني جي ڪيسن ۾ 1380 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس مقابلن دوران 17 انڪائونٽرز ٿيا، جن ۾ پوليس جا ڪيترائي جوان پڻ زخمي ٿيا. ايس ايس پي چيو ته منشيات جي ناسور جي خاتمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. هن اعتراف ڪيو ته پوليس کاتي ۾ موجود ڪجھ ڪاري رڍن سبب ڪارروائين ۾ ڏکيائيون پيش اچن ٿيون. تنهن هوندي به اهڙن عنصرن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي ويندي. صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي ايس ايس پي قمر رضا جسڪاڻي چيو ته پوليس نفري جي کوٽ سبب امن امان برقرار رکڻ منشيات جي سپلاءِ تي مؤثر نظر رکڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. تنهن هوندي به بدين کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ لاءِ پوليس هر وقت ڪوششون ڪري رهي آهي

بقايا عوامي سوچ 08

ل ڌرڻو ختم ڪيو ويو آهي. وارث سيريش ڪمار ۽ پٽ لو ڪمار جا لاش ڪٺائي ڳوٺ آڪاٽي روانا ٿيا آهن. واقعي ۾ نامزد ڄاڻايل سابق ٽائون چيئرمين پرديپ عرف چڪو جي ڪراچي هاءِ ڪورٽ مان گرفتاري کان اڳ حفاظتي ضمانت منظور ڪرائي ورتي آهي

بقايا عوامي سوچ 09

وضاحتي بيان ۾ ڄاڻايو آهي ته واقعي ۾ جنهن زمين جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي ان جي حقيقت اها آهي ضلعي انتظاميه ٿرپارڪر وٽ ٻنهي ڌرين پاران هلندڙ سال آگسٽ مهيني ۾ زمين جي مالڪي جي دعويٰ داخل ڪئي وئي هئي جنهن ته ڊپٽي ڪمشنر طور هن اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي کي سرزمين تي وڃي جائزو وٺي پنهنجي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو بعد ۾ 20 آگسٽ 2026 تي چيلهار ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي عمير اشرف پاران ڪليل ڪچهري ۾ ساڳو مسئلو سامهون آيو جنهن تي اسسٽنٽ ڪمشنر موقعي تي موجود مختيارڪار مٺي کي تڪراري زمين بابت حقيقتون ڄاڻڻ لاءِ تفصيلي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڪيو جنهن تي مختيارڪار زمين جي مختلف رخن ۽ ڪاغذن جي جانچ ڪرڻ بعد ڄاڻايل زمين کي سرڪاري زمين قرار ڏنو ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته سرڪاري زمين تي ڪنهن کي به قبضي ڪرڻ جي اجازت ناهي .هن چيلهار ۾ تازي ٿيل تڪرار بابت وڌيڪ ٻڌايو آهي ته سرڪاري زمين تي بيٺل وڻن ۽ ديوين جي واڍي تان ڪوسن ۽ ميگهواڙن ۾ تڪرار ٿيو جنهن جو سخت افسوس آهي جڏهن ته واقعي ٿيڻ بعد فوري طورهو ايس ايس پي سان گڏ چيلهار ٿاڻي تي پهتو ۽ وارثن کي انصاف ڏيارڻ جو يقين ڏياريو هن چيو ته هر معامري کي ضلعي انتظاميه سان ڳنڍڻ نامناسب آهي،هن چيو ته ضلعي انتظاميه هر طرح سان متاثرين سان گڏ آهي جتي به ضلعي انتظاميه جي ضرورت هوندي اتي متاثرين کي گهربل مدد فراهم ڪئي ويندي.هن چيو ته ضلعي انتظاميه کي جيتوڻيڪ واقعي تي سخت افسوس آهي گڏوگڏ روڊن جي بلاڪ ٿيڻ تي پريشان ٿيندڙ ماڻهن جي اهنجن کي سامهون رکندي اها به ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته جلد ان مسئلي کي حل ڪرائي ماڻهن ۾ پيدا ٿيل بيچيني،خوف ۽ پريشاني ختم ڪرائجي ۽ معمول جو ڪاروهنوار بحال ٿئي.

بقايا عوامي سوچ 10

روالي بال ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ دادو ضلعي جي مختلف علائقن مان 20 ٽيمن حصو ورتو ۽ پنهنجي راند جا جوهر ڏيکاريا. ٽورنامينٽ دوران رانديگرن وچ ۾ دلچسپ ۽ سنسني خيز مقابلا ٿيا، جڏهن ته فائنل مقابلي ۾ مست ڪيهر شاهه جي ٽيم شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي فتح پنهنجي نالي ڪري ورتي. ان موقعي تي ضلعي ڪائونسل دادو جي ميمبر شهزاد علي پنڊ، سينيئر رانديگر منير احمد ميمڻ، دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، گلڻ پنڊ، حاجي لياقت سومرو، رياض پيچوهو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته صحتمند معاشري جي جوڙجڪ لاءِ راندين جو فروغ انتهائي ضروري آهي. جنهن معاشري ۾ راندين جا ميدان آباد هوندا آهن، اتي اسپتالون ويران هونديون آهن. پر افسوس جو راندين کي سرڪاري سرپرستي حاصل ناهي، جڏهن ته نوجوانن لاءِ راندين جا ميدان ۽ بنيادي سهولتون پڻ اڻپوريون آهن. هنن چيو ته ڳوٺ پيچوهن ۾ منعقد ٿيل والي بال ٽورنامينٽ هزارين ماڻهن لاءِ تفريح جو بهترين ذريعو بڻيو. سڄو ڳوٺ ميلي جو ڏيک ڏئي رهيو هو ۽ هر طرف خوشي، جوش ۽ جذبي واري فضا ڇانيل هئي. اهڙين صحتمند سرگرمين جو تسلسل سان انعقاد ٿيڻ گهرجي، جيئن نوجوان نسل کي منشيات، جوا ۽ ٻين سماجي برائين کان بچائي راندين ڏانهن راغب ڪري سگهجي. مقررين وڌيڪ چيو ته راندين جا ميدان آباد ڪرڻ سان نوجوانن ۾ مثبت سوچ، نظم ۽ ضبط، ڀائيچاري ۽ گڏيل هم آهنگي کي هٿي ملي ٿي، ان ڪري سرڪاري ادارن سان گڏ سماجي تنظيمن ۽ وس وارن ماڻهن کي به راندين جي سرگرمين جي سرپرستي ڪرڻ گهرجي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي مهمانن پاران ڪامياب رانديگرن ۽ ٽيمن ۾ مجموعي طور 50 هزار رپيا نقد انعام ۽ ٽرافيون ورهايون ويون. ان موقعي تي رانديگرن ۽ شوقينن پاران ٽورنامينٽ جي منتظمين کي ڀرپور موٽ ڏيندي مستقبل ۾ به اهڙن شاندار راندين جي مقابلن کي جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو

بقايا عوامي سوچ 11

پنهنجي سڄي زندگي پيپلز پارٽيءَ سان وفاداري ۽ وابستگيءَ ۾ گذاري ڇڏي. مرحوم بابو ڪوسو پنهنجي مٽي تي تير جو نشان نهرائي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي جهنڊي کي پنهنجو لباس بڻائي پارٽيءَ سان پنهنجي محبت ۽ وفاداريءَ جو اظهار ڪندو رهيو. سندس حياتيءَ ۾ ڪنهن به هن جي سار نه لڌي پر مرڻ ڪانپوءِ به نه ان جي تڏي تي ڪو چونڊيل نمائندو يا عهديدار دعا گهرڻ آيو نه بيماري وگهي هن جي يا سندن ٻچن جي ڪنهن سار لڌي بابو ڪوسو ۽ جبل ڪوسو ٻئي ڀائر ضياءَ الحق جي مارشل لا واري دور ۾ به پيپلز پارٽيءَ سان وابستگيءَ سبب سختيون برداشت ڪيون ۽ ڪوڙا کاڌا. پر پنهنجي نظريي ۽ سياسي وابستگيءَ تان پوئتي نه هٽيو هن پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي ڏهاڪا پارٽيءَ جي نالي ڪري ڇڏيا. افسوس جو زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ بيماريءَ سبب بستري تي پيل هن پراڻي جيالي جي پارٽيءَ جي مقامي اڳواڻن ۽ چونڊيل نمائندن طرفان ڪا خاص سار نه لڌي وئي. مٽياري کي پيپلز پارٽيءَ جو مضبوط سياسي مرڪز قرار ڏنو وڃي ٿو. پر بابو ڪوسو جي بيماريءَ کان وٺي سندس لاڏاڻي تائين ڪنهن به سندس عيادت ڪرڻ جي زحمت نه ڪئي. جڏهن ته سندس جنازي نماز ۾ به پارٽيءَ جي اڳواڻن ۽ ذميوارن جي غيرحاضري ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. ٻئي طرف مرحوم جو اولاد اڄ به بيروزگاري ۽ معاشي پريشانين جي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ ٻن ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان آهي. زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾ بابو ڪوسو پنهنجي اولاد جا اهي ڏک ۽ تڪليفون به ڏسندو رهيو. محترمه شهيد بينظير ڀٽو صاحبه پڻ سندس جلسن ۾ تقرين ۾ جبل جيالي جو ذڪر ڪيترا دفعا ڪندي هئي پر اڄ ڏينهن تائين سندس فڪر لهڻلاءِ ڪنهن به عهديدارن کي وقت نه مليو آهي. هن واقعي هڪ ڀيرو ٻيهر اهو سوال اٿاري ڇڏيو آهي ته پارٽيءَ لاءِ سڄي عمر قربانيون ڏيندڙ پراڻن ۽ نظرياتي ڪارڪنن جي حياتيءَ ۾ سار لهڻ ڪنهن جي ذميواري آهي؟ ڇا اهڙن وفادار ڪارڪنن جي اهميت صرف سياسي جلسن، جلوسن ۽ نعريبازيءَ تائين محدود رهجي وئي آهي؟بابو ڪوسو دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، پر پنهنجي پويان پارٽيءَ جي پراڻن ڪارڪنن جي قدر ۽ سندن خاندانن جي سارسنڀال بابت ڪيترائي سوال ڇڏي ويو.

بقايا عوامي سوچ 12

ي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ لاءِ ميگهواڙ پنچائت عمرڪوٽ پاران موتي چوڪ کان پريس ڪلب عمرڪوٽ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ برادري جي اڳواڻن ۽ شهرين سميت ڊفينڊر آف پاڪستان جي ڊويزنل صدر موهن لال موتي، پاڪستان دراوڙ فائونڊيشن جي آرگنائيزر نرمل ميگهواڙ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪامريڊ ڀاڳچند ميگهواڙ خطاب ڪندي چيو ته پرامن شهر چيلهار ۾ هڪ ئي خاندان جي ٻن ڀاتين جو قتل انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي. امن جي ڌرتي تي اهڙن واقعن سبب خوف ۽ بيچيني پکڙجي رهي آهي. هن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري منظرعام تي آندو وڃي ۽ مقتول خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. ريلي کي خطاب ڪندي ميوارام نجار ۽ نندلال ڪرناني چيو ته چيلهار هميشه امن ۽ ڀائيچاري جي سڃاڻپ رهيو آهي. پرپيءُ ۽ پٽ جي قتل واري واقعي سڄي علائقي کي ڏک ۽ ڳڻتي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هنن ٿرپارڪر پوليس ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري عوام آڏو پيش ڪيو وڃي، جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي سگهي. احتجاج ۾ ڊولو مل ڪرناني، پمر لال، ٺيڪيدار نهال راٺوڙ، گهنشام داس، انيل واوڙي، لڇمڻ داس، لالچند ٽيڪم داس، همتارام، آتم، روي ڪمار ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مظاهرين قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي پڻ ڪئي

بقايا عوامي سوچ 13

سخت پريشانيءَ کي منهن ڏئي رهيا آهن. ميهڙ مختيارڪار جي بدلي ڪانپوءِ نئين مقرر ٿيل مختيارڪار طرفان آبادگارن جي ويريفڪيشن جو عمل مڪمل نه ٿيڻ سبب هزارين درخواستون التوا جو شڪار بڻيل آهن. جنهن ڪري آبادگارن ۾ بيچيني پکڙيل آهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته هنن بينظير هاري ڪارڊ سبسڊي جي حصول لاءِ گهربل فارم ڀري جمع ڪرايا آهن. پر اڃا تائين سندن درخواستن جي ويريفڪيشن مڪمل ڪري لاڳاپيل ايپليڪيشن تي اپلوڊ نه ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن مقرر وقت اندر ويريفڪيشن جو عمل مڪمل نه ٿيو ته ڪيترائي حقدار آبادگار بينظير هاري ڪارڊ ۽ سرڪاري سبسڊي واري سهولت کان محروم ٿي سگهن ٿا. آبادگارن موجب 20 ڊسمبر تي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران بينظير هاري ڪارڊ سبسڊي پروگرام جو افتتاح ڪرڻ جو اعلان ٿيل آهي. تنهن ڪري ان کان اڳ سمورن آبادگارن جي درخواستن جي ويريفڪيشن مڪمل ڪري ايپ تي اپلوڊ ڪرڻ ضروري آهي. جيئن ڪو به حقدار آبادگار سبسڊي جي سهولت کان رهجي نه وڃي. آبادگارن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ناٽي واري وزير محمد بخش مهر، پ پ ايم پي اي فياض علي ڀٽ، ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي نئين مقرر ٿيل مختيارڪار ميهڙ کي هدايتون جاري ڪيون وڃن ته التوا هيٺ پيل سمورن ويريفڪيشن فارمن کي بنا دير مڪمل ڪري لاڳاپيل ايپ تي اپلوڊ ڪيو وڃي، هنن اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته آبادگارن جي هن اهم مسئلي کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي، جيئن 20 ڊسمبر کان اڳ ويريفڪيشن جو عمل مڪمل ٿي سگهي ۽ هزارين حقدار آبادگار بينظير هاري ڪارڊ سبسڊي مان فائدو حاصل ڪري سگهن

بقايا عوامي سوچ 14

ووٽر آگاهي مهم جي سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر آفيس دادو جي اهتمام هيٺ گورنمينٽ پرمامد هرداس پائلٽ هائر سيڪنڊري اسڪول دادو ۾ ووٽر آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام دوران شاگردن کي ووٽ جي اهميت، جمهوري عمل ۾ ووٽر جي ڪردار ۽ ووٽ وجھڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي. ان موقعي تي شاگردن کي چونڊن جي عملي طريقيڪار کان واقف ڪرائڻ لاءِ فرضي پولنگ جي مشق پڻ ڪرائي وئي، جنهن ۾ کين پولنگ جي مختلف مرحلن جو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو ويو. آگاهي پروگرام جو مقصد نوجوان نسل ۾ ووٽ جي اهميت ۽ افاديت بابت شعور پيدا ڪرڻ سان گڏ کين ذميوار ۽ باخبر شهري بڻجڻ جي ترغيب ڏيڻ هو. شاگردن کي ٻڌايو ويو ته ووٽ وجھڻ نه صرف سندن بنيادي جمهوري حق آهي، پر هڪ اهم قومي ۽ شهري ذميواري پڻ آهي، جنهن ذريعي جمهوري ادارن کي مضبوط بڻائي سگهجي ٿو. پروگرام ۾ شاگردن ڀرپور دلچسپي ۽ جوش سان حصو ورتو، جڏهن ته فرضي پولنگ جي سرگرمي کين چونڊن جي عمل بابت عملي ڄاڻ ۽ سکيا جو موقعو فراهم ڪيو. اهڙي قسم جا آگاهي پروگرام نوجوان نسل ۾ جمهوري قدرن کي هٿي ڏيڻ، چونڊ عمل بابت شعور وڌائڻ ۽ مستقبل ۾ ذميوار ووٽرن جي حيثيت سان سندن ڪردار کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

بقايا عوامي سوچ 15

ڪرڻ جو مطالبو. گذريل ڪيترن ئي مهينن کان بيروزگار نوجوان اتحاد جي اڳواڻ ملڪ نواز جوکيو کي ڊي سي آفيس اڳيان قائم احتجاجي ڪئمپ مان مبينا طور ڪنيي مٽس ڪيس داخل ڪرڻ خلاف بيروزگار نوجوان اتحاد جي ڪارڪنن نويد خاصخيلي، عرفان جوکيو، عاجز جوکيو ۽ بابر جوکيو پاران پريس ڪلب گهارو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين واقعي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ملڪ نواز جوکيو جي فوري بازيابي جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوانن پوليس تي الزام لڳائيندي چيو ته ملڪ نواز جوکيو کي احتجاجي ڪئمپ مان ڪنيڻ بعد ۾ مٽس بي بنياد الزامن تحت ايف آءِ آر داخل ڪري ڪيس جيل موڪليو ويو هنن چيو ته ملڪ نواز جوکيو خلاف بي بنياد الزامن تحت ڪيس داخل ٿيڻ سبب سندس گهرياتي ۽ ساٿي سخت ذهني اذيت ۽ پريشاني ۾ مبتلا آهن. مظاهرو ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ملڪ نواز جوکيو کي بي بنياد ڪيس ۾ فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ ڪيس مبينا طور ڪنيي گم ڪرڻ ۾ ملوث اهلڪارن کي گرفتار ڪيو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته جيستائين ملڪ نواز جوکيو کي بازياب ڪرائي آزاد نه ڪيو ويندو، تيستائين سنڌن احتجاج جاري رهندو. نمائندو گهارو

بقايا عوامي سوچ 16

جيد چوهاڻ جي هدايتن تي عالمي يومِ اطفال جي موقعي تي بينظير ڀٽو پارڪ. جيمس خانه دادو کان دادو پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ريلي جي اڳواڻي ضلعي صدر عبدالمجيد. اڳواڻن علي شير پنهور، حاڪم علي مستوئي، الطاف علي پنهور، محسن مجيد ڇوهاڻ ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ ٻينا فليڪس ۽ بينر کڻي ٻارن جي حقن جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي، ريلي کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ريلي ڪڍڻ جو بنيادي مقصد معصوم ٻارڙن کان جبري پورهيو وٺڻ، انهن تي تشدد ڪرڻ ۽ کين تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم رکڻ خلاف آواز اٿارڻ آهي. هنن والدين ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ٻارڙن کان جبري پورهيو وٺڻ جو سلسلو بند ڪرايو وڃي، کين مفت تعليم فراهم ڪئي وڃي ۽ ٻارڙن لاءِ ماهوار وظيفو مقرر ڪيو وڃي، جيئن هو پورهئي بدران تعليم حاصل ڪري پنهنجو مستقبل سنواري سگهن ۽ اڳتي هلي پنهنجي والدين، سنڌ ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪن. اسان جي تنظيم جو بنيادي مقصد معصوم گلن جهڙن ٻارڙن جي زندگي ۽ مستقبل کي بهتر بڻائڻ آهي، جيئن اهي اڳتي هلي معاشري جا ڪارائتا فرد بڻجي سگهن.هن چيو ته والدين ۽ حڪومت کي گهرجي ته ٻارڙن کان جبري پورهيو وٺڻ ۽ انهن تي تشدد ڪرڻ جو سلسلو فوري طور بند ڪرايو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته عورتن تي تشدد ڪرڻ، کين باندي بڻائي رکڻ ۽ بنيادي حقن کان محروم ڪرڻ به انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. عورتن کي سندن جائز حق ڏنا وڃن ۽ کين تعليم جا برابر موقعا فراهم ڪيا وڃن، جيئن اهي به پنهنجي گهر، ٻارن ۽ خاندان جي مستقبل کي سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن. اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ٻارن ۽ عورتن تي هر قسم جو تشدد بند ڪرايو وڃي، جبري پورهئي جو خاتمو آندو وڃي ۽ ٻارن توڙي عورتن جي تعليم، تحفظ ۽ بنيادي حقن کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 17

سان حصو ورتو. ان موقعي تي اسڪول جي مختلف ڪلاسن جي شاگردن پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪندي دلچسپ ۽ معلوماتي ماڊل تيار ڪيا، جن ذريعي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي مختلف پهلوئن کي عملي طور اجاگر ڪيو ويو. نمائش ۾ شاگردن مختلف رنگن سان سينگاريل خوبصورت ماڊل ۽ مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence) سميت جديد ٽيڪنالاجي تي ٻڌل تخليقون پيش ڪيون. شاگردن پنهنجن تيار ڪيل ماڊلن بابت مهمانن کي تفصيلي ڄاڻ پڻ ڏني. جڏهن ته انهن جي تخليقن ۾ محنت، مشاهدي، تخليقي صلاحيتن ۽ جديد سوچ جو چٽو عڪس نظر آيو. تقريب ۾ تعليم دوست استادن ۽ اڳوٽي پرنسپال سيد محبوب شاهه، طالب المولىٰ هاءِ اسڪول جي ضياءُ الحق، محمد زاهد آرائين سميت استادن، معزز مهمانن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اسڪول جي هيڊ ماستر عبدالمجيد ڀٽي مهمانن کي مختلف اسٽالن جو دورو ڪرايو، جتي مهمانن شاگردن جي تيار ڪيل ماڊلن جو جائزو ورتو ۽ انهن کان پروجيڪٽن بابت سوال پڻ ڪيا. مهمانن شاگردن جي ذهانت، محنت ۽ تخليقي صلاحيتن کي ساراهيندي چيو ته اسڪولن ۾ اهڙيون سرگرميون شاگردن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. ان موقعي تي اسٽيم مقابلن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۽ استادن جو چوڻ هو ته اهڙين سرگرمين ذريعي کين ڪتابن ۾ پڙهيل سائنسي اصولن ۽ نظرين کي عملي طور سمجھڻ ۽ انهن کي ماڊلن جي صورت ۾ پيش ڪرڻ جو بهترين موقعو ملي ٿو. مختلف پروجيڪٽن تي ڪم ڪرڻ سان نه رڳو سندن ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ٿو، پر خود اعتمادي، مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ نيون شيون تخليق ڪرڻ جو جذبو پڻ پيدا ٿئي ٿو. هنن چيو ته اهڙا مقابلا شاگردن کي مستقبل ۾ سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ جديد تحقيق جي شعبن ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ همت افزائي ڪن ٿا. تعليمي ماهرن ۽ مهمانن جو چوڻ هو ته اسٽيم سرگرمين جو بنيادي مقصد شاگردن کي صرف روايتي ۽ ڪتابي تعليم تائين محدود رکڻ بدران کين عملي تجربن، تخليقي سوچ، سائنسي مشاهدي ۽ نيون ايجادون ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي، ته جيئن هو جديد دور جي گهرجن موجب پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهن ۽ مستقبل ۾ ملڪ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. هنن وڌيڪ چيو ته شاگردن کي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي تعليم سان گڏ عملي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ڪنري جي گورنمينٽ فضل عمر هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ منعقد ٿيل هيءَ تقريب شاگردن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ، سندن حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ کين جديد سائنسي دنيا ڏانهن راغب ڪرڻ جي حوالي سان هڪ اهم ۽ ساراهه جوڳو قدم قرار ڏنو ويو

بقايا عوامي سوچ 18

قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ لاءِ ميگهواڙ پنچائت چاچرو پاران پريس ڪلب احتجاجي ڌرڻو جنهن ۾ برادري جي اڳواڻن ۽ شهرين سميت ريجهو مل چنديرام ساڄن موهن لال موتي، ميگهواڙ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪامريڊ ريجهومل ۽ چنديرام ميگهواڙ خطاب ڪندي چيو ته پرامن شهر چيلهار ۾ هڪ ئي خاندان جي ٻن ڀاتين جو قتل انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي. امن جي ڌرتي تي اهڙن واقعن سبب خوف ۽ بيچيني پکڙجي رهي آهي. هن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري منظرعام تي آندو وڃي ۽ مقتول خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. ڌرڻو کي خطاب ڪندي چيو ته چيلهار هميشه امن ۽ ڀائيچاري جي سڃاڻپ رهيو آهي. پر پيءُ ۽ پٽ جي قتل واري واقعي سڄي علائقي کي ڏک ۽ ڳڻتي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هنن ٿرپارڪر پوليس ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري عوام آڏو پيش ڪيو وڃي، جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي سگهي. احتجاج ۾ ڊولو مل پمر لال، گهنشام داس، انيل ، لڇمڻ داس، ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مظاهرين قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي پڻ ڪئي

بقايا عوامي سوچ 19

رڪت ڪراچي: جسقم شهيد بشير خان ضلعي اوير پاران 22 نومبر وحدتِ سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ جلباڻي چوڪ ماروڙا ڳوٺ کان سڄل ڳوٺ مين گيٽ تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي جسقم جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري پنهل ساريو ڪامريڊ شبير راڄپر ڪئي، جڏهن ته ريلي ۾ ضلعي اوير جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي دوران ڪارڪنن سنڌ جي وحدت، سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ ڌرتي سان محبت جا نعرا هنيا. جلباڻي چوڪ کان سڄل ڳوٺ تائين رستي ۾ مختلف هنڌن تي عوام پاران ريلي جو پرجوش استقبال ڪيو ويو ۽ گلن جي ورڪا ڪئي وئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي، سنڌ جي ورهاڱي جا خواب ڏسندڙ هميشه ناڪام ٿيندا. سنڌ هزارين سالن کان هڪ آهي، هڪ رهندي. هنن چيو ته 22 نومبر تي سنڌ جو عوام سکر کان ڪراچي تائين متحد ٿي، امڪاني ورهاڱي خلاف ڀرپور ۽ تاريخي جواب ڏيندو. اها مارچ رڳو هڪ پارٽي جي نه، پر پوري سنڌي قوم جي مارچ هوندي. اڳواڻن عوام، شاگردن، مزدورن، هارين، عورتن، وڪيلن، صحافين ۽ سڀني سنڌ دوست ڌرين کي اپيل ڪئي ته 22 نومبر تي وڌ کان وڌ شرڪت ڪري سنڌ جي وحدت جو ثبوت ڏين. ريلي ۾ شاذ خادم شر، مجيب پيلار، ذيشان مگريو، ڪامريڊ شبير راڄپر، فقير سڄڻ مستوئي، امن راڄپر، سرفراز پتو، طفيل چانگ سميت ٻين ڪيترن ئي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. آخر ۾ اڳواڻن چيو ته سنڌ جي وحدت تي ڪو به سمجھوتو نه ٿيندو، سنڌ جي حفاظت لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا عوامي سوچ 20

جي دنيا جيان پاڪستان ۾ به ٻارن جي حقن، تحفظ، تعليم، صحت ۽ روشن مستقبل بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف تقريبون منعقد ڪيون ويون. ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر اولہ علي ذوالفقار ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ اسڪولي شاگردن سان گڏ آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون زاهد علي ڀٽي، اسسٽنٽ ڪمشنر روينيو شگفته احمد، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر، پوليو لاءِ اين اسٽاپ آفيسر، ڊسٽرڪٽ ويسٽ جي پوليو ڪميونيڪيشن انچارج، سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن جي شاگردن سميت ڊي سي آفيس جي عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. واڪ ۾ گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول، المعروف اسڪول اڪيڊمي جي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مختلف سماجي ۽ فلاحي تنظيمن انصاف هيومن رائيٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن، بلوچ ويلفيئر، گلشن اسلام ڪالوني سوشل ويلفيئر سوسائٽي، الخر ٽرسٽ، بخاري فلاحي تنظيم ۽ انجمن آل بلوچ ڳوٺ جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي. واضح رهي ته ٻارن جو عالمي ڏهاڙو هر سال 20 نومبر تي ملهايو ويندو آهي. هن ڏينهن جي شروعات گڏيل قومن پاران 1954ع ۾ ڪئي وئي، جڏهن ته 20 نومبر 1989ع تي ٻارن جي حقن بابت عالمي ڪنوينشن منظور ڪيو ويو. هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد ٻارن کي بهتر تعليم، صحت، تحفظ ۽ بنيادي حقن جي فراهمي بابت عالمي سطح تي شعور پيدا ڪرڻ آهي

بقايا عوامي سوچ 21

جو بنيادي مقصد ٻارن جي حقن، خوشين، 21خود اعتمادي، تخليقي صلاحيتن ۽ مجموعي ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ هو. هن پروقار تقريب ۾ عاطف شفيق اسسٽنٽ ڪمشنر ايس. ايف. راهو* خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ان کان علاوه ٻين معزز مهمانن پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ شامل هئا: احسن علي شاهه سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، بدين حيدر علي پنهوار ڊسٽرڪٽ مئنيجر (DM) محمد دين چائلڊ پروٽيڪشن آفيسرمقبول احمد سماجي ڪارڪن نائزدي ايف ايم ،بدينتقريب ۾ محترمه نبيلا احسن (پرنسپل) شفقت وڙائچ (اڪيڊمڪ ڪوآرڊينيٽر) حسين بلال (سيڪشن هيڊ) پڻ شرڪت ڪئي. ان سان گڏ اسڪول جي محنتي استادن ۽ پرجوش شاگردن پڻ تقريب ۾ ڀرپور حصو ورتو. تقريب دوران مختلف دلچسپ سرگرمين ۽ خوشيءَ ڀرين لمحن جو اهتمام ڪيو ويو، جن ذريعي شاگردن ۽ شاگرداڻين کي پنهنجي صلاحيتن، تخليقي سوچ ۽ خود اعتمادي جو اظهار ڪرڻ جو بهترين موقعو مليو. معزز مهمانن اسڪول پاران ٻارن لاءِ سازگار، محفوظ ۽ بهترين تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ جي ڪوشش کي ساراهيو. انهن ٻارن جي تعليم، تحفظ، حقن ۽ روشن مستقبل جي اهميت تي پڻ روشني وڌي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي سڀني معزز مهمانن، شرڪت ڪندڙن، استادن ۽ شاگردن جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيو ويو، جن جي سهڪار ۽ محنت سان هيءَ تقريب يادگار ۽ ڪامياب بڻجي

بقايا عوامي سوچ 22

ڇڏيا ڳوٺاڻن جو احتجاج خبر موجب شهدادپور ويجهو ڳوٺ قاضي محمد تقي ۾ سوين سالن کان آباد ڳوٺ تي بااثر زميندار پاران مبينا قبضو ڪري گهر خالي ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ هٿياربندن حملو ڪري ڪجھ گھر خالي ڪرائي مبينا باهيون ڏئي ڇڏيون باھ جي ور چڙهيل ڏاڏو ڀيل مادو ڀيل ڪنيو ڀيل جو گهر سڙي خاڪ ٿي ويو. گهر ۾ پيل سامان ڪٽيون بسترا گهريلو سامان ڏاج سميت الهه تله سڙي خاڪ ٿي ويو. اطلاع تي شهدادپور مان فائر برگيڊ پهچي باهه تي ضابطو آندو جڏهن ته پوليس پهچي سرزمين جو معائنو ڪيو ۽ متاثرين کان تفصيل ورتا.ان موقعي تي ڳوٺاڻن ڀيل برادري،خاصخيلي برادري رند برادري جي ماڻهن احتجاج ڪندي مظاهرين خادم حسين خاصخيلي،سڪيو ڀيل مادو ڀيل، مجنون ڀيل، جميل خاصخيلي مسمات مصرا ڀيل ڀائي خان رند ڪستو ڀيل ڏانهون ڪندي چيو ته اسان جي گهرن تي حملو ڪرائيندڙ قاضي نعيم جا ڪمدار مينيجر گل حسن مگريو،حگو جنداڻو،گاگن مگريو هٿيارن جي زور تي ڳوٺ تي ڪاهي ڪري ڳوٺ خالي ڪرائي قبضو ڪرڻ چاهن ٿا ۽ گهرن کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو اٿن. مظاهرين چيو ته اسان ست نسلن کان ڳوٺ ۾ ويٺا آهيون اسان جا وڏڙا به هن ڳوٺ ۾ هئا ۽ هي سرڪاري ڳوٺ آهي ڪنهن جي به ذاتي زمين ناهي مگر زوري زبردستي ڪوڙا ڪيس ڪري حملا ڪرائي تنگ پيو ڪيو وڃي ته ڳوٺ خالي ڪري وڃون مگر اسان پورهيت مسڪين ڪيڏانهن ويندين هنن ڊي سي سانگهڙ ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو ته اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 23

لي ڪدي وئي جيڪا شهر جو گشت ڪندي نوابشاهه پريس ڪلب پهتي جتي اڳواڻن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سنڌ جي استادن کي سروس اسٽرڪچر جو نوٽيفڪيشن ڏنو وڃي. مقرري جي تاريخ کان پڪو ڪري ڪانٽريڪٽ مدو سروس ۾ شامل ڪيو وڃي. بدلين ۽ بايوميٽرڪ جا اختيار هيٺين سطح ۽ ڊي اوز حوالي ڪيا وڃن ۽ بايوميٽرڪ ڊي اوز جي طئي آرڊر تحت تبديل ڪيا وڃن. بايوميٽرڪ جي آڌار تي سنڌ جي استادن کي ڏنل ميجر پينلٽي / رموو فرام سروس، ڪمپلسري رٽائرمينٽ کي ختم ڪري استادن کي نوڪري تي بحال ڪيو وڃي. هنن چيو ته غير منصفاڻين بدلين تي نظرثاني ڪري استادن کي سهولت ڏني وڃي ۽ پرائمري استادن جا رهيل پروموشن پي ايس ٽي کان ايڇ ايس ٽي پروموشن ڏنا وڃن. ڇهري جي سڃاڻپ واري ايپ ۾ پيش آيل خرابين کي درست ڪيو وڃي. ڪاغذن جي تصديق واري عمل کي ختم ڪرايو وڃي. سنڌ جي پرائمري استادن کي هيلٿ ڪارڊ جاري ڪيو وڃي. پينشن ريفارم جو ليٽر ختم ڪرايو وڃي. پي ايس ٽي جي پوسٽ کي برقرار رکيو وڃي. ان کي ختم نه ڪيو وڃي. هنن چيو ته ڪلسٽر پاليسي ۾ پرائمري کي سيڪنڊري کان عليحد ڪيو وڃي. پرائمري جي هيڊ ماستر جي پوسٽ کي برقرار رکيو وڃي ۽ پرائمري جا اسڪول ملائي مين اسڪول کي ڪلستر بڻايو وڃي. سموري سنڌ جي نون ڀرتي ٿيل استادن جي رهيل ڊيٽابيس جلد جاري ڪئي وڃي ۽ اين. سي. ايڇ. ڊي ۽ بيڪس استادن کي ٻين استادن وانگر ريگيولر ڪيو وڃي. هنن چيو ته جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته اسان شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي مزار آڏو احتجاج ڪنداسين

بقايا عوامي سوچ 24

ي مختلف تعليمي ادارن سان تعلق رکندڙ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري حضور اڪرم صه جي سيرت طيبه، تعليمات ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي پنهنجي تقريرن ذريعي خيالن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي شاگردن پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪندي سيرت النبي صه جي اهميت،اخلاقي قدرن، اسلامي تعليمات ۽ حضور پاڪ صه جي زندگيءَ مان ملندڙ رهنمائيءَ تي روشني وڌي تقريب ۾ مذهبي، علمي ۽ سماجي شخصيتن سميت عالمن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي تقريري مقابلي جي اختتام تي مولانا مفتي عبدالواحد چاچڙ، جمعيت علماءِ اسلام ضلعي سکر جي امير مولانا محمد صالح انڍڙ ۽ ٻين معزز مهمانن خطاب ڪندي چيو ته شاگردن ۾ تقرير،مطالعي ۽ ديني شعور کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اهڙيون علمي سرگرميون انتهائي اهم آهن. هنن چيو ته سيرت النبي صه تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي پيغام کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ اختيار ڪرڻ هر مسلمان جي ذميواري آهي مقررين شاگردن جي صلاحيتن کي ساراهيندي سندن حوصلا افزائي پڻ ڪئي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي تقريري مقابلي ۾ پهرين، ٻي ۽ ٽين پوزيشن سميت نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ انعام ورهايا ويا ان موقعي تي منتظمين پاران شرڪت ڪندڙ شاگردن ۽ مهمانن جا ٿورا مڃيا ويا ۽ اهڙن علمي، ادبي ۽ ديني مقابلن جو سلسلو جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 25

برادري ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي جمعي جي ڏينهن سکر ۽ روهڙي جي عمراڻي برادري روهڙي جي مصروف ترين شاهراهه ٻيڙي چوڪ کان روهڙي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا هئا جن تي نصير آباد پوليس خلاف ۽ ڪوڙي ڪيس جي خاتمي جي حق ۾ نعرا لکيل هئا ريلي جيئن جيئن اڳتي وڌندي وئي شرڪت ڪندڙن جو انگ وڌندو ويو پريس ڪلب پهچڻ تي شرڪت ڪندڙن نصير آباد پوليس خلاف ڇتي نعره بازي ڪئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي عمراڻي اتحاد ضلعي سکر جي صدر محمد حنيف عمراڻي ڪئي سندس ساڻ نائب صدر دلاور خان عمراني،جنرل سيڪريٽري الله بخش عمراڻي ۽ انفارميشن سيڪريٽري غلام مصطفيٰ عمراڻي موجود هئا ان موقعي تي عمراڻي برادري جي بزرگن نوجوانن ۽ معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي يڪجهتي جو اظهار ڪيو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي ۽ صحافين سان ڳالهائيندي عمراڻي اتحاد جي اڳواڻن چيو ته سردار بابا غلام رسول خان عمراڻي ڪو عام ماڻهو ناهي هو بلوچستان جي وزيراعليٰ جو صلاحڪار ۽ پيپلز پارٽي جو صوبائي نائب صدر آهي اهڙي معزز عوامي ۽ قبائلي اڳواڻ ۽ سندس خاندان خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائڻ ڪليل ناانصافي ۽ سازش آهي جنهن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين اڳواڻن چيو ته پوليس جي هن عمل پوري برادري جي جذبن کي مجروح ڪيو آهي اسان پرامن ماڻهو آهيون پر پنهنجي عزت ۽ وقار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪنداسين اسان مطالبو ڪريون ٿا ته سردار بابا غلام رسول خان عمراڻي ۽ سندس خاندان خلاف داخل مبينا ڪوڙو ۽ بي بنياد ڪيس فوري طور ختم ڪيو وڃي سازش ۾ ملوث عنصرن کي بي نقاب ڪري سندن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي اڳواڻن به ٽوڪ وارننگ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جي مطالبن کي نظرانداز ڪيو ويو ۽ ڪوڙو ڪيس واپس نه ورتو ويو ته اسان احتجاج جو دائرو سکر ڊويزن کان وڌائي پوري سنڌ ۽ بلوچستان تائين پکيڙي ڇڏينداسين ان کان پوءِ پيدا ٿيندڙ ڪنهن به صورتحال جي سموري ذميواري نصير آباد پوليس ۽ لاڳاپيل انتظاميا تي هوندي

بقايا عوامي سوچ 26

ڙ ۽ لوڪ ادب جي استاد محمد ملوڪ عباسي جي 28هين ورسي ملهائي وئي. تقريب جي شروعات سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتح خواني سان ڪئي وئي، جڏهن ته بعد ۾ تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ورسي تقريب جو باقاعده آغاز ڪيو ويو ۽ مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. تقريب جي پهرين نشست جي صدارت ناميارا اديب، شاعر ۽ ليکڪ احمد سلطان کوسي ڪئي. ان موقعي تي ممتاز علي عباسي، غلام شبير عباسي، محمد صالح عباسي، عاجز رحمت الله لاشاري، فقير روشن علي ڪوري، شفيق ڪوري، فقير غلام رسول منگريو، احمد علي چانڊيو، جونيئر محمد ملوڪ عباسي، طالب حسين چنو، دودو ديشي، غلام محمد ڀٽي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سگهڙ سنڌي ٻولي ۽ لوڪ ادب جا محافظ آهن. جيڪي گهري وابستگي رکندو هو ۽ ٿوري عرصي ۾ سنڌ توڙي هند تائين سنڌي لوڪ ادب کي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن لوڪ ادب بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا. جڏهن ته سندس ڪافي علمي ۽ ادبي مواد اڃا به اڻ ڇپيل آهي. هنن چيو ته محمد ملوڪ عباسي هڪ فرد نه، پر هڪ مڪمل ادارو هو. جنهن جون سنڌي ٻولي، لوڪ ادب ۽ ثقافت لاءِ خدمتون وسارڻ جهڙيون ناهن. ان موقعي تي سندس فرزند ممتاز علي عباسي چيو ته محمد ملوڪ عباسي منهنجو والد هجڻ سان گڏ منهنجو استاد پڻ هو ۽ سنڌ سگهڙ سنگت پلاٽي تنظيم جو باني پڻ هو. هن چيو ته سنڌ عباسي ڪلهوڙ اتحاد پاران گذريل 28 سالن کان سندس ورسي باقاعدگي سان ملهائي پئي وڃي، جڏهن ته سگهڙ سنگت پلاٽي تنظيم ذريعي سگهڙن جي علم، ادب ۽ فن کي اجاگر ڪرڻ جو سلسلو هلندڙ آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت کي گهرجي ته محمد ملوڪ عباسي جو مقبرو جوڙائي ڏنو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 27

ڪئي. پيپلز پارٽي جي وفد ۾ سينئر اڳواڻ نثار احمد کهڙو، صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار، ناصرحسين شاهه ۽ وقار مهديشامل هئا. وفد جو مقصد قومپرست جماعتن کي 22 نومبر واري وحدتِ سنڌ مارچ ۽ 29 نومبر واري ريلي ملتوي ڪرڻ تي راضي ڪرڻ هو. ذريعن موجب وفد سڄل ڳوٺ ۾ رهبر ڪميٽي جي اڳواڻن رياض چانڊيو، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي نواز خان زئور ۽ ٻين اڳواڻن سان ڳالهين ۾ چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندي. پر موجوده ڪشمڪش واري ماحول ۾ سامهون سامهون ريليون نڪرڻ سان ڪو اڻٽنندڙ واقعو ٿي سگهي ٿو. پيپلز پارٽي وفد چيو سنڌ جو فيصلو روڊن تي نه. پر ايوانن ۾ ٿيندو اسان چاهيون ٿا ته سنڌ ۾ امن قائم رهي. ڪنهن به شرپسند کي موقعو نه ملي. ان ڪري ريليون ڪجھ وقت لاءِ ملتوي ڪيون وڃن. ان جي جواب ۾ رهبر ڪميٽي جي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي وحدت لاءِ جدوجهد اسان جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي. اسان پرامن آهيون ۽ پرامن ئي رهنداسين. هنن چيو ته 22 نومبر واري وحدتِ سنڌ مارچ سنڌ جي عوام جي آواز آهي. ان کي روڪڻ سان سنڌي عوام ۾ مايوسي پيدا ٿيندي. تنهن ڪري هر حالت ۾ ريلي ڪڍيو ويندو سنڌ حڪومت اسان کي روٽ ٻڌائي پاڻ ان رستي تا پر امن احتجاج رڪارڊ ڪرائينداسين

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

لمس يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽو ۾ پاڻي سميت ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ اهم اجلاس

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ياڳت پاران لاڳاپيل آفيسرن کي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي هدايت

شاگردن ۽ شاگردياڻين توڙي يونيورسٽي انتظاميا کي درپيش پاڻي جي فراهمي سميت ٻين بنيادي مسئلن جي حل بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

ڊاڪٽر حسن نثار مهر، آبپاشي کاتي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) لمس يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽو ۾ پاڻي سميت ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ اهم اجلاس، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ياڳت پاران لاڳاپيل آفيسرن کي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي هدايت ڊپٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

مختيارڪار هيڊڪوارٽر خادم حسين راڄڙ جي ڪارڪردگي ساراهه جوڳي

مبينا جعلي زميني آرڊر رد ڪرڻ تي لينڊ مافيا ۽ سهولتڪارن جي ناراضگي جو الزام

ٺٽو مختيارڪار هيڊڪوارٽر ٺٽو خادم حسين راڄڙ ضلعي جي انهن آفيسرن مان هڪ آهي

ضلعي جي مختلف علائقن مان ايندڙ ماڻهن کي سندن سرڪاري ڪمن بابت پاڻ رهنمائي ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) مختيارڪار هيڊڪوارٽر خادم حسين راڄڙ جي ڪارڪردگي ساراهه جوڳي، مبينا جعلي زميني آرڊر رد ڪرڻ تي لينڊ مافيا ۽ سهولتڪارن جي ناراضگي جو الزام ٺٽو مختيارڪار هيڊڪوارٽر ٺٽو خادم حسين راڄڙ ضلعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

چيلهار واقعي جا سمورا جوابدارن جي گرفتاري ۽ وارثن پاران ڌرڻو ختم ڪرڻ هڪ اهم اڳڀرائي

پر اصل مقصد مقتولن جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرائڻ آهي

انشاءالله هاڻي وارثن سان گڏجي عدليه ۾ قانوني جنگ وڙهي ويندي ۽ ڪيس جي پيروي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) پ پ ضلعي ٿرپارڪر جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري وڪيل ڪندن مالهي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

چيلهار لڳ ٻه ڏينهن اڳ ٻٽي قتل ۾ گهربل 7 جوابدار گرفتار ۽ هڪ جي ضمانت منظور

سابق ٽائون چيئرمين پرديپ عرف چڪو جي گرفتاري کان اڳ حفاظتي ضمانت منظور ٿيڻ بعد وارثن پاران لاش رکي لڳل ڌرڻو ختم ڪيو ويو

لاش اباڻي ڳوٺ آڪاڻي آندا ويا. پيءُ ۽ گڀرو نوجوان جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام متل آهي

هزارين ماڻهن جي موجودگي ۾ ٻنهي پيءُ ۽ پٽ جي لاشن کي آخري رسمون ادا ڪرڻ ڪانپوءِ، آهن دانهن ۽ سڏڪن سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) : خبر موجب چيلهار پرسان ڳوٺ آڪاڻي ۾ ٻه ڏينهن اڳ ٿيل ٻٽي قتل ۾ گهربل 7 جوابدار گرفتار ۽ هڪ نامزد ڄاڻايل سابق ٽائون چيئرمين پرديپ عرف چڪو جي گرفتاري کان اڳ حفاظتي ضمانت منظور ٿيڻ ب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سنڌ پوليس ڪانسٽيبل جي ويٽنگ اميدوارن جو سکر کان ڪراچي وزيراعلي هائوس ڏانهن ويندڙ پيادل مارچ سکرنڊ پهتو

اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري ڪرڻ جو مطالبو، سمورا مرحلا ميرٽ تي پاس ڪيا آهن، آفر آرڊر ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي: مظفر جوکيو

پيادل مارچ پندرهن ڏينهن بعد سونڊا پهتو جتي ايوان صحافت پريس ڪلب جي ٽيم پاران سونڊا ۾ سندن استقبال ڪيو ويو

2024 ۾ سنڌ پوليس ۾ سپاهي جي ڀرتي لاءِ فزيڪل ٽيسٽ، رٽن ٽيسٽ، انٽرويو، ويريفڪيشن، سي آر او سميت سڀ مرحلا ميرٽ تي پاس ڪيا آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سنڌ پوليس ڪانسٽيبل جي ويٽنگ اميدوارن جو سکر کان ڪراچي وزير اعلي هائوس ڏانهن ويندڙ پيادل مارچ سکرنڊ پهتو، اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري ڪرڻ جو مطالبو، سمورا مرحلا ميرٽ تي پاس ڪيا آهن، آفر آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

پيادل لانگ مارچ
سکر کان ڪراچي سي ايم هائوس تائين
هڪ ئي مطالبو آهي ته هڪ ئي نوٽيفڪيشن جاري ڪري
سيني سنڌ پوليس SPD01 2024 جي ويٽنگ اميدوارن جا آفر آرڊرز جاري ڪيا وڃن
پاران: سنڌ پوليس ويٽنگ اميدوار ايڪشن ڪميٽي
STRIVING TO SERVE
SINDH POLICE

نوري آباد فيز ٽو جي نالي سان زمينن تي والار جو سلسلو شروع ڪيو ويو

هاڻي وري نوري آباد فيز ٽري ۽ مختلف نالن سان مبينا قبضن جو سلسلو جاري آهي: ڊاڪٽر لکمير خان پالاري

تعجب جي ڳالهه اها آهي ته نوري آباد فيز ون ٻه چاليهن سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود مڪمل طور آباد ۽ ترقي يافته نه ٿي سگهيو آهي

پران جي باوجود نون نالن سان زمينن جي والارءِ وکرو جو سلسلو جاري آهي. نوري آباد ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ رهندڙ مقامي ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪوهستان راجوٽي اتحاد جي اڳواڻ ڊاڪٽر لکمير خان پالاري پنهنجي جاري ڪيل هڪ پريس بيان ۾ چيو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر جامشورو هڪ دفعو ٻيهر روينيو عملدارن جي مبينا ملي ڀڳت ۽ سائٽ نوري آباد جي ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ گولاڙچي تاڻي ۾ کليل ڪچهري منعقد

جنهن ۾ شهرين، درخواستگذارن، چونڊيل نمائندن ۽ معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

کليل ڪچهري دوران شهرين منشيات، چورين، امن امان سميت مختلف مسئلا ۽ شڪايتون ايس ايس پي بدين آڏو پيش ڪيون

بدين پوليس منشيات سميت ٻين ڏوهن جي خاتمي ۽ امن امان جي قيام لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي

گولاڙچي(ساجداقبال راجپوت) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ گولاڙچي تاڻي ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهرين، درخواستگذارن، چونڊيل نمائندن ۽ معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، کليل ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

مٺي لڳ ڦانگهاريو پمپ وٽ ٻن ڏينهن کان لڳل ڌرڻو

ايس ايس پي ٿرپارڪر ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي ڳالهين ۽ واقع جا ست جوابدار گرفتار ٿيڻ بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو، لاش اباڻي ڳوٺ آڪاڻي ڏانهن روانا

سابق ٽائون چيئرمين پرديپ عرف چڪو جي ڪراچي هاءِ ڪورٽ مان گرفتاري کان اڳ حفاظتي ضمانت منظور ڪرائي ورتي آهي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) : خبر موجب چيلهار جي پرسان ڳوٺ آڪاڻي ۾ ٻه ڏينهن اڳ قتل ٿيل پيءُ سريش ۽ پٽ لوڪمار جا لاش رکي ڦانگهاريو پمپ وٽ ٻن ڏينهن کان لڳل ڌرڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر مٺي عبدالحليم جاڳيراڻي ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز پهچي واقعي ۾ ملوث 7 جوابدارن جي گرفتاري جي آگاهي ڏيڻ ۽ وارثن سان ڳالهيون ڪرڻ بعد ٻن ڏينهن کان لڳ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8



عبدالحليم جاڳيراڻي گذريل ڏينهن چيلهار ۾ ٻن ڌرين جي تڪرار ۾ ٻن ماڻهن جي مارجي وڃڻ تي افسوس

ٻنهي ڌرين پاران هلندڙ سال آگسٽ مهيني ۾ زمين جي مالڪي جي دعوي داخل ڪئي ويئي هئي

ڊپٽي ڪمشنر طرفان اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي کي سرزمين تي وڃي جائزو وٺي پنهنجي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي گذريل ڏينهن چيلهار ۾ ٻن ڌرين جي تڪرار ۾ ٻن ماڻهن جي مارجي وڃڻ تي افسوس ڪندي وارثن سان همدردي جو اظهار ڪيو آهي. هن پنهنجي جاري ڪيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

وحدتِ سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ جسقم شهيد بشير خان ضلعي اوير جي جاڳرتا ريلي سوين ڪارڪنن جي شرڪت

جلباڻي چوڪ ماروئڙا ڳوٺ کان سچل ڳوٺ مين گيٽ تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

ريلي جي اڳواڻي جسقم جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري پنهل ساريو ڪامريڊ شبير راڄپر ڪئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) وحدتِ سنڌ مارچ جي سلسلي ۾ جسقم شهيد بشير خان ضلعي اوير جي جاڳرتا ريلي سوين ڪارڪنن جي ش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

چيلهار ۾ پيءُ پٽ جي بي رحماڻي قتل خلاف ميگهواڙ پنچائت چاڇرو پاران احتجاجي ريلي

ان موقعي تي مظاهرين قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي پڻ ڪئي

احتجاج ۾ ڊولو مل ڀمر لال، گهنشام داس، انيل ، لڇمڻ داس، ۽ ٻين شرڪت ڪئي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو/) چيلهار ۾ بي رحماڻي نموني قتل ڪيل پيءُ سريش ميگهواڙ ۽ پٽ لوڪمار جي قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

گورنمينٽ فضل عمر هائير سيڪنڊري اسڪول ڪنري ۾ منعقد ٿيل اسٽيم مقابلن ۾ شاگردن ڀرپور جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو

مختلف ڪلاسن جي شاگردن پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪندي دلچسپ ۽ معلوماتي ماڊل تيار ڪيا

جن ذريعي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي مختلف پهلوئن کي عملي طور اجاگر ڪيو ويو

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار ڀٽي) گورنمينٽ فضل عمر هائير سيڪنڊري اسڪول ڪنري ۾ منعقد ٿيل اسٽيم مقابلن ۾ شاگردن ڀرپور جوش ۽ جذبي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ٻارڙن کان جبري پورهيو وٺڻ ۽ عورتن تي تشدد بند ڪيو وڃي: چائلڊ اينڊ وومين ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن

ٻارن کي مفت تعليم ۽ وظيفو ڏنو وڃي: چائلڊ اينڊ وومين ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) چائلڊ اينڊ وومين ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن سنڌ، ضلعي دادو جي اڳواڻن پاران مرڪزي چيئرمين ايڊووڪيٽ عبدال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ملڪ نواز جوکيو جي گرفتاري خلاف سوشل سوسائٽي جو پريس ڪلب گهارو اڳيان احتجاج

مظاهرين واقعي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ملڪ نواز جوکيو جي فوري بازيابي جو مطالبو ڪيو

ملڪ نواز جوکيو کي احتجاجي ڪئمپ مان کڻڻ بعد ۾ مٿس بي بنياد الزامن تحت ايف آءِ آر داخل ڪري ڪيس جيل موڪليو ويو

گهارو (نمائندو) ملڪ نواز جوکيو جي گرفتاري خلاف سوشل سوسائٽي جو پريس ڪلب گهارو اڳيان احتجاج، ملڪ نوازجوکيو کي فوري طور آزاد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر دادو محمد حنيف پاران ووٽر آگاهي مهم

گورنمينٽ پرمامد هرداس پائلٽ هائر سيڪنڊري اسڪول دادو ۾ ووٽر آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو

جمهوري عمل ۾ ووٽر جي ڪردار ۽ ووٽ وجهڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر دادو محمد حنيف پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

بينظير هاري ڪارڊ سبسڊي جا هزارين فارم ويريفاءِ نه ٿيڻ سبب آبادگار پريشان

ميهڙ مختيارڪار آفيس ۾ درخواستون التوا جو شڪار، 20 ڊسمبر کان اڳ فارم اپلوڊ ڪرڻ جو مطالبو

هزارين حقدار آبادگار بينظير هاري ڪارڊ سبسڊي مان فائدو حاصل ڪري سگهن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ميهڙ ۾ بينظير هاري ڪارڊ سبسڊي حاصل ڪرڻ لاءِ ويريفڪيشن جا فارم جمع ڪرائيندڙ هزارين آبادگار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

چيلهار ۾ پيءُ پٽ جي بي رحماڻي قتل خلاف ميگهواڙ پنچائت عمرڪوٽ پاران احتجاجي ريلي

پاڪستان دراوڙ فائونڊيشن جي آرگنائيزر نرمل ميگهواڙ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت

پرامن شهر چيلهار ۾ هڪ ئي خاندان جي ٻن ڀاتين جو قتل انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار ڀٽي) چيلهار ۾ بي رحماڻي نموني قتل ڪيل پيءُ سريش ميگهواڙ ۽ پٽ لوڪمار جي قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پراڻو ۽ نظرياتي جيالو بابو ڪوسو لاڏاڻو ڪري ويو

جنهن پنهنجي سڄي زندگي پيپلز پارٽيءَ سان وفاداري ۽ وابستگيءَ ۾ گذاري ڇڏي

پيپلز پارٽيءَ جي جهنڊي کي پنهنجو لباس بڻائي پارٽيءَ سان پنهنجي محبت ۽ وفاداريءَ جو اظهار ڪندو رهيو

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) مٽياري سان تعلق رکندڙ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پراڻو ۽ نظرياتي جيالو بابو ڪوسو لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

دادو لڳ ڳوٺ پيچوها ۾ والي بال جو شاندار ميلو، 20 ٽيمن جا دلچسپ مقابلا

مست ڪيهر شاهه ٽيم فائنل کٽي ورتو، رانديگرن ۾ 50 هزار رپيا ۽ ٽرافيون ورهايون ويون

مستقبل ۾ به اهڙن شاندار راندين جي مقابلن کي جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو لڳ ڳوٺ پيچوها ۾ شهيد ممتاز علي پنڊ ۽ وزير علي پنڊ جي ياد ۾ صحتمند سرگرمين جي واڌاري لاءِ شاندا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڪراچي ۾ ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان ڊي سي اوله علي ذوالفقار ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ آگاهي واڪ

پاڪستان ۾ به ٻارن جي حقن، تحفظ، تعليم، صحت ۽ روشن مستقبل بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف تقريبون منعقد ڪيون وڃن

ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر اوله علي ذوالفقار ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ اسڪولي شاگردن سان گڏ آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو

هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد ٻارن کي بهتر تعليم، صحت، تحفظ ۽ بنيادي حقن جي فراهمي بابت عالمي سطح تي شعور پيدا ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي ۾ ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان ڊي سي اوله علي ذوالفقار ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ آگاهي واڪ، شاگردن ۽ سماجي تنظيمن جي ڀرپور شرڪت ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي 20 نومبر تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

20 نومبر بچوں کا عالمی دن
تعلیم صحت کھیل اور خوراک ہر بچے کا بنیادی حق ہے
بچوں سے مشقت نہیں، محبت کریں

گولاڙچي ۾ ٻارن جو عالمي ڏينهن وڏي جوش، جذبي، خوشي ۽ ڀرپور شوق سان ملهايو ويو

هن تقريب جو بنيادي مقصد ٻارن جي حقن، خوشين، خود اعتمادي، تخليقي صلاحيتن ۽ مجموعي ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ هو

خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ان کان علاوه ٻين معزز مهمانن پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي

استادن ۽ شاگردن جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيو ويو، جن جي سهڪار ۽ محنت سان هيءَ تقريب يادگار ۽ ڪامياب بڻجي

گولاڙچي(ساجد اقبال راجپوت) ٻارن جو عالمي ڏينهن 2026 پيپلز اسڪول شهيد فاضل راهو، گولاڙچي پيپلز اسڪول شهيد فاضل راهو، گولاڙچي ۾ ٻارن جو عالمي ڏينهن وڏي جوش، جذبي، خوشي ۽ ڀرپور شوق سان ملهايو ويو. هن تقريب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

شهدادپور ويجهو ڳوٺ تي حملو، ڪيترائي گهر ساڙي ڇڏيا، ڳوٺاڻن جو احتجاج

بااثر زميندار پاران قبضو ڪري گهر خالي ڪرائڻ جي ڪوشش، هٿياربندن حملو ڪري گهر خالي ڪرائي باهيون ڏئي ڇڏيون

گهر ۾ پيل سامان ڪٽيون، بسترا، گهريلو سامان، ڏاج سميت الهه تلهه سڙي خاڪ، فائربرگيڊ پهچي باهه تي ضابطو آندو

سانگهڙ (رپورٽر) شهدادپور ويجهو ڳوٺ قاضي محمد تقي تي بااثر زميندار جي مبينا قبضي جي ڪوشش هٿياربندن جو حملو ڪيترائي گهر ساڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

پ ٽ الف ڊويزن شهيد بينظيرآباد پاران پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي

جيڪا شهر جو گشت ڪندي نوابشاهه پريس ڪلب پهتي جتي اڳواڻن سنڌ حڪومت کان مطالبو

سنڌ جي استادن کي سروس اسٽرڪچر جو نوٽيفڪيشن ڏنو وڃي، مقرري جي تاريخ کان پڪو ڪري ڪانٽريڪٽ مدو سروس ۾ شامل ڪيو وڃي

بدلين ۽ بايوميٽرڪ جا اختيار هيٺين سطح ۽ ڊي اوز حوالي ڪيا وڃن ۽ بايوميٽرڪ ڊي اوز جي طئي آرڊر تحت تبديل ڪيا وڃن

نوابشاهه(رپورٽر) پ ٽ الف ڊويزن شهيد بينظيرآباد پاران پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ اعجاز حسين چانڊيو، امداد خاصخيلي، مولا داد ڳاهو، اعجاز ڏاهري عبدالستار ڪيريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايچ ايم خواجه هائي اسڪول کان هڪ ري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

جمعيت طلباءِ اسلام روهڙي جي اهتمام هيئت الجامعة العربية دارالعلوم الشرعيه روهڙي ۾ عظيم الشان تقريري مقابلو منعقد

حضوراڪرم ص جي سيرت طيبه، تعليمات ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي پنهنجي تقريرن ذريعي خيالن جو اظهار ڪيو

حضور پاڪ ص جي زندگيءَ مان ملندڙ رهنمائيءَ تي روشني وڌي تقريب ۾ مذهبي، علمي ۽ سماجي شخصيتن سميت عالمن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي

تقريري مقابلي جي اختتام تي مولانا مفتي عبدالواحد چاچڙ، جمعيت علماءِ اسلام ضلعي سکر جي امير مولانا محمد صالح انڍڙ ۽ ٻين معزز مهمانن خطاب

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) جمعيت طلباءِ اسلام روهڙي جي اهتمام هيئت الجامعة العربية دارالعلوم الشرعيه روهڙي ۾ عظيم الشان تقريري مقابلو منعقد ڪيو ويو جنهن جو عنوان "سيرت النبي ص" رکيو ويو هو مقابلي ۾ روهڙي شهر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

سردار بابا غلام رسول خان عمراڻي خلاف ضلعي نصير آباد ۾ مبينا ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ تي احتجاج

ريلي ۾ شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا هئا جن تي نصير آباد پوليس خلاف ۽ ڪوڙي ڪيس جي خاتمي جي حق ۾ نعرا لکيل هئا

ريلي جيئن جيئن اڳتي وڌندي وئي شرڪت ڪندڙن جو انگ وڌندو ويو پريس ڪلب پهچڻ تي شرڪت ڪندڙن نصير آباد پوليس خلاف ڇتي نعره بازي ڪئي

احتجاجي ريلي جي اڳواڻي عمراڻي اتحاد ضلعي سکر جي صدر محمد حنيف عمراڻي ڪئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) وزير اعليٰ بلوچستان جي صلاحڪار ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي بلوچستان جي صوبائي نائب صدر سردار بابا غلام رسول خان عمراڻي خلاف ضلعي نصير آباد ۾ مبينا ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ تي عمراڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب25

ڏوڪري استاد محمد ملوڪ عباسي جي 28هين ورسي، سگهڙن ۽ اديبن پاران شاندار ڀيٽا ڪئي وئي

تقريب جي شروعات سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتح خواني سان ڪئي وئي

بعد ۾ تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ورسي تقريب جو باقاعده آغاز ڪيو ويو ۽ مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا

تقريب جي پهرين نشست جي صدارت نامياري اديب، شاعر ۽ ليکڪ احمد سلطان کوسي ڪئي

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري استاد محمد ملوڪ عباسي جي 28هين ورسي، سگهڙن ۽ اديبن پاران شاندار ڀيٽا ڪئي وئي. تفصيل موجب ڏوڪري پرسان ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙو ۾ سنڌ سگهڙ ڀلائي تنظيم پاران سنڌ جي نامياري سگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب26

پ پ جو وفد سچل ڳوٺ پهتو، جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي سان اهم ملاقات

22 نومبر واري ريلي ملتوي ڪرڻ جي درخواست. قومپرستن پاران ريلي ملتوي ڪرڻ جو انڪار ڪري ڇڏيو

سنڌ حڪومت اسان کي روٽ ٻڌائي پاڻ ان رستي تا پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا سين

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) پ پ جو وفد سچل ڳوٺ پهتو، جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي سان اهم ملاقات، 22 نومبر واري ريلي ملتوي ڪرڻ جي درخواست. قومپرستن پاران ريلي ملتوي ڪرڻ جو انڪار ڪري ڇڏيو سنڌ ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جو اعليٰ سطحي وفد اڄ شام سچل ڳوٺ پهتو، جتي هن جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جي اڳواڻن سان اهم ملاقات /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27